# تحفظ ماحول ۽ اسلام

# Conservation and Islam



# تحفظ ماحول

# أا

# اسلام

# Conservation And Islam

ليکڪ:

## ڊاڪٽر قبلا اياز

پروفيسر مطالعات سيرت، پشاور يونيورسٽي.

## ڊاڪٽر معراج الاسلام ضياء

ايسوسيئيٽ پروفيسر علوم اسلاميه ۽ عربي، شيخ زايد اسلامڪ سينٽر، پشاور يونيورسٽي.

## ڊاڪٽر محمد ممتاز ملڪ

ڪنزرويٽر، جهنگلي جيوت، صوبو سرحد.

## بهادر نواب

ليڪچرار، شعبو ماحوليات، پشاور يونيورسٽي.

سنڌيڪار:

## ڊاڪٽر علي مرتضيٰ ڌاريجو

ڊپارٽمينٽ آف زولاجي، يونيورسٽي آف سنڌ، ڄامشورو.

۽

## حميد سبزوئي

ڪو آرڊينيشن (سنڌي ترجمو)

ناصر علي پنهور

محمد ظفر خان

عبدالڪريم گبول

## پبلشر:

ڪاپي رائٽ ڊبليو ڊبليو ايف – پاڪستان، هيڊ آفيس لاهور.

ڇاپو: پهريون

تعداد: 1000

قيمت: 200.00

هن ڪتاب جي سنڌي ترجمي جي اشاعت ڊبليو ڊبليو ايف پاڪستان
جي انڊس فار آل پروگرام هيٺ 2008ع ۾ ٿي.

# فهرست


پيش لفظ .......... v

ايڊيشنل چيف سيڪريٽري سنڌ جو پيغام .......... vii

ويچار – چيف سيڪريٽري اتريان علائقا .......... ix

ويچار – ڪنزرويٽر جهنگلي جيوت کاتو، صوبو سرحد .......... xi

موضوع جو تعارف: .......... 1

**باب پهريون:**

گوناگوجيوت ۽ ماحولياتي سرشتي جو توازن .......... 7

گوناگوجيوت ۽ ان جي اهميت .......... 7

اسلام ۽ ماحولياتي نظام ۾ توازن .......... 12

**باب ٻيون:**

پاڻي ۽ ان سان لاڳاپيل مامرا .......... 18

پاڻي ۽ اسلامي تعليم .......... 20

مٺي پاڻيءَ جا قسم .......... 21

پاڻي: ڪجھ حقيقتون ۽ فضيلتون .......... 24

**باب ٽيون:**

ڌرتي ۽ ان سان لاڳاپيل مامرا .......... 30

زمين ۽ اسلامي تعليم .......... 31

دين ڇا ٿو چوي؟ .......... 31

جبل .......... 33

جبل ۽ اسلامي تعليم .......... 34

**باب چوٿون:**


فضا ۽ ان سان لاڳاپيل مامرا ........ 37
وايو منڊل ۽ اسلامي تعليم ........ 38
فضائي غلاظت/ هوائي گدلاڻ گهٽائڻ بابت اسلامي حڪمت عملي .... 40


**باب پنجون:**


نباتات ۽ حيوانات بابت لاڳاپيل مامرا ........ 44
نباتات ........ 44
نباتات متاثر ڪندڙ انساني سرگرميون ........ 46
نباتات ۽ اسلامي تعليم ........ 46
ٻوٽن جا قسم بناوت جي لحاظ کان ........ 47
حيوانات ........ 51
حيوانات ۽ اسلامي تعليم ........ 53


**باب ڇهون:**


ماحول جي صفائي ۽ اسلامي تعليم ........ 55
طهارت ۽ پاڪائي جو مفهوم ........ 55
رسول الله ﷺ جو عملي مثال ........ 58
اختصار ........ 60


**باب ستون:**


سياحت ۽ اسلامي تعليم ........ 62
مددي ڪتاب ........ 67
شڪرگذاري ........ 68

# پيش لفظ

پاڪستان جا اتريان علائقا پنهنجي جاگرافيائي، ثقافتي ۽ قدرتي وسيلن جي اهميت سبب سڄيءَ دنيا ۾ مشهور آهن ۽ سياحت لاءِ به انتهائي پرڪشش رهندا آيا آهن. بدقسمتي سان دنيا جو اهو ورثو (World Heritage) اسان انسانن جي اياڻين سرگرمين، غربت ۽ اڻڄاڻائي سبب ماحولياتي تباهيءَ جو شڪار ٿي رهيو آهي. قدرتي وسيلن جي اهميت جي گهٽ ڄاڻ، ٻيلن جي بي درديءَ سان ڪٽائي، جهنگلي جانورن جو ناجائز شڪار، چراگاهن جو غير دانشمنداڻو استعمال ۽ غلاظت جهڙيون سڀ ڳالهيون هن علائقي جي حسن کي داغدار ڪري رهيون آهن.

متي ذڪر ڪيل خطرن لاءِ جيڪڏهن وقتائتا اپاءَ نه ورتا ويا ته اهو علائقو پنهنجي ڪشش وڃائي ويهندو ۽ مقامي آباديءَ جي گذر سفر تي به انتهائي خراب اثر پوندا. ان سلسلي ۾ حڪومتي ۽ غير حڪومتي سطح تي ڪوششون ڪيون پيون وڃن. جابلو علائقن جي تحفظ جي رٿا (Mountain Areas Conservancy Project/MACP) اهڙين ڪوششن جي هڪ ڪڙي آهي. اها رٿا حڪومت پاڪستان، گڏيل قومن جي ترقياتي اداري/عالمي ماحولياتي سهولت (UNDP/GEF) ۽ تحفظ ماحول جي عالمي اداري (WWF - P) جي فني سهڪار سان هلي رهي آهي. هن رٿا جي خوبي هيءَ آهي ته ان رستي نه رڳو مقامي آباديءَ ۾ ماحول جي تحفظ جو شعور پيدا ٿيندو ته ساڳئي وقت گوناگوجيوت (Biodiversity) جي حفاظت ۽ ان رستي حاصل ٿيندڙ پائدار فائدن ۾ مقامي آباديءَ کي به شامل ڪيو ويندو. اهڙن مقصدن ماڻڻ لاءِ هن رٿا

۾ واديءَ ۾ ڳوٺاڻي سطح تي مقامي تنظيمن کي اهم قدرتي وسيلن جي حفاظت لاءِ فيصلا ڪرڻ ۾ تحفظ ڪرڻ جي لاڳاپيل ڳالهين جي سکيا ڏني پئي وڃي. هيءَ رٿا، مقامي آباديءَ کي هر سطح تي اهميت ڏئي ٿي.

جيئن ته مذهبي اڳواڻ انتهائي معززين ۾ شمار ٿين ٿا، تنهنڪري هن رٿا هيٺ هي ڪتاب عالمن سڳورن لاءِ تيار ڪيو ويو آهي ته جيئن اهي قدرتي وسيلن جي سياڻپ سان استعمال ڪرڻ جي ضرورت ۽ اهميت کي اسلامي تعليم جي روشنيءَ ۾ اجاگر ڪري سگهن. هن ڪتاب جي تياري ۾ هر مڪتبہ فڪر سان واسطو رکندڙ عالمن جون صلاحون ورتيون ويون آهن ته ڪائنات حاصل ٿيندڙ مفيد معلومات بہ هن ڪتاب ۾ شامل ڪئي ويئي آهي.

مان ڪتاب ”تحفظ ماحول ۽ اسلام“ جي تياري جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر قبلا اياز، ڊاڪٽر معراج الاسلام ضياء، ڊاڪٽر ممتاز ملڪ ۽ ڊبليو ڊبليو ايف - پاڪستان جي اسٽاف سميت انهن سيني ماهرن جو ٿورائتو آهيان جن هن ڪتاب لاءِ تحقيق ڪئي، صلاحون ڏنيون ۽ امداد مهيا ڪئي. مان اميد ڪريان ٿو ته عالم سڳورا هن ڪتاب مان ڀرپور فائدو وٺندا ۽ قدرتي وسيلن جي سانڍ جهڙي نيڪ ڪم ۾ مقامي آباديءَ کي آماده ڪرڻ ۾ ڪا بہ گهٽتائي نہ ڪندا. ان سلسلي ۾ مان ڪين ايم اَي سي پي جي اسٽاف جو عام طور ۽ ڊبليو ڊبليو ايف - پاڪستان جي ساٿين طرفان خاص طور تي ڀرپور سهڪار جو يقين ڏياريان ٿو.

دعاگو

**برگيڊيئر مختار احمد**

اڳوڻو صدر،
ڊبليو ڊبليو ايف- پاڪستان

# ايڊيشنل چيف سيڪريٽري سنڌ جو پيغام

اسانجي سماج ۾ ماحوليات بابت جاڳرتا نہ هئڻ ڪري ان کي بنھ گھٽ اهميت ڏني ويجي ٿي. جڏهن تہ، ترقي يافتہ ملڪن ۾ ماحوليات ۽ قدرتي وسيلن کي نهايت اهم سمجھي انهن جي حفاظت ڪئي ويجي ٿي. قدرتي وسيلا جن ۾ ٻيلا، ڍنڍون، درياهہ، جھنگلي جيوت ۽ گوناگون حياتيات اچي ويجي ٿي، انهن جي بي پناهہ تجارتي/ ڪمرشل استعمال سبب جتي وسيلا تيزيءَ سان گھٽجي رهيا آهن اُتي ماحولياتي غلاظت، موسمياتي تبديلين جا مسئلا بہ ڪُر ڪنيو بيٺا آهن. ٻئي طرف آباديءَ جي وڌندڙ دٻاءُ پڻ ماحولياتي مسئلن کي هٿي ڏني آهي. جيتوڻيڪ بين الاقوامي غيرسرڪاري تنظيمون، جن ۾ ڊبليو ڊبليو ايف ۽ آءِ يو سي اين شامل آهن. قدرتي وسيلن، جھنگلي جيوت ۽ ماحولياتي مسئلن جي حل لاءِ پاڻ پتوڙي رهيون آهن پر ضرورت ان ڳالھ جي آهي تہ وسيلن جي حفاظت ۽ پائدار ترقي خاطر اهي ادارا جاڳرتا مهمون اچا منظم نموني سان هلائن ۽ ان سان گڏ مقامي آباديءَ جي شموليت کي بہ وڌيڪ يقيني بڻائين.

اهو بہ نہ وسارڻ گھرجي تہ جتي ماحوليات ۽ قدرتي وسيلن جو تحفظ ڪرڻ جن مقامي غير سرڪاري تنظيمن جي منشور جو اهم نُڪتو آهي اتي گڏيل قومن جو ترقياتي ادارو ۽ عالمي سهولت براءِ ماحول (جي اي ايف) بہ ان سلسلي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. جنهن جو مکيہ ڪم هماليہ جي جابلو سلسلي، هندوڪش جي گوناگون حياتيات جي حفاظت ۽ پائدار ترقي جي سار سنڀال لهڻ آهي.

اسانکي ماحوليات ۽ گوناگون حياتيات جي حفاظت جو ڏس رڳو سائنس نٿي مهيا ڪري بلڪ اسلام ۾ بہ ان بابت نهايت واضح تصور موجود آهي. جيئن اسانجي

مذهب ۾ اهو اصول زمانن کان واضح ڪيل آهي تہ ”صفائي اڌ ايمان آهي“، معنيٰ تہ غلاظت، ڪي اسلام پسند نہ ٿو ڪري. ائين وڻ ٻوٽن، ۽ جانورن جو تحفظ ڪرڻ، انهن جي سار سنڀال لهڻ جو بہ واضح بيان آيل آهي. لاشڪ، اسلام فطرت جو دين آهي، الله تعاليٰ جي خلقيل شين تي ظلم ڪرڻ، انهن جي استعمال جي ڪري مسئلا پيدا ٿين ٿا. انهن جي اسلام بہ منع ڪري ٿو.

”ماحول جو بچاءُ ۽ اسلام“ جي سري هيٺ لکيل هن ڪتاب ۾ ماحوليات، گوناگو جيوت ۽ قدرتي وسيلن جي اسلام جي نقطئہ نظر سان بچاءُ جي ڪيتري تاڪيد ڪيل آهي اهي نهايت تز نموني سمجهايو ويو آهي. اميد تہ هي ڪتابڙو ماحوليات، گوناگون جيوت ۽ قدرتي وسيلن جي بچاءُ ۽ جاڳرتا مهم جي سلسلي ۾ نهايت ڪارائتو ثابت ٿيندو.

**نظر حسين مهر**
ايڊيشنل چيف سيڪريٽري (ترقي)،
رٿابندي ۽ ترقي کاتو
حڪومت سنڌ.

# ويچار- چيف سيڪريٽري اترين علائقا

وڌندڙ انساني آبادي، قدرتي وسيلن جي گهٽ ڄاڻ، روڊن رستن جي تعمير ۽ ٻين ترقياتي ڪمن سبب اسانجي قدرتي وسيلن تي ڏينهون ڏينهن دٻاءُ وڌي رهيو آهي ته اهي روز به روز ڪٽي به رهيا آهن. ان سلسلي ۾ جيتوڻيڪ حڪومتي ادارا پنهنجي پنهنجي سر ڀرپور ڪوششون ڪري رهيا آهن ته جيئن باقي بچيل قدرتي وسيلن ڪي بچائي انهن ڪي وڌائي سگهجي پر تنهن هوندي به ان ڏس ۾ اجان تائين گهربل ڪاميابي حاصل ٿي نه سگهي آهي.

ڪجهه اهڙيون بين الاقوامي غير سرڪاري تنظيمون جن ۾ آءِ يو سي اين – پاڪستان (IUCN - P) ۽ ڊبليو ڊبليو ايف - پاڪستان به شامل آهن قدرتي وسيلن جي سانڀ ۽ انهن جي پائدار ترقي جي ڪم ۾ جنبيل آهن ۽ ڪوششون ڪري رهيون آهن ته جيئن مقامي آباديءَ ڪي اهڙن وسيلن جي بچاءَ ۽ پائدار ترقي جي ڪم ۾ شامل ڪري ڪين انهن جي فائدن بابت ڄاڻ مهيا ڪري سگهجي.

جابلو علائقن ۾ گوناگوجيوت جي تحفظ جي رٿا اهڙين ڪوشش جي هڪ ڪڙي آهي. هيءَ رٿا پاڪستان سرڪار، گڏيل قومن جي ترقياتي اداري، عالمي ماحولياتي سهوليت، ڪيترين غير سرڪاري تنظيمن ۽ مقامي ماڻهن جي گڏيل ڪوشش جو هڪ عملي مثال آهي، جنهن جو بنيادي مقصد مقامي آباديءَ رستي هماليه، ڪراڪرم ۽ هندوڪش جي جابلو سلسلن ۾ موجود گوناگوجيوت جي حفاظت ڪرڻ، پائدار ترقيءَ ڏانهن ڌيان ڏيڻ ۽ سار سنڀال لهڻ آهي.

اسلام دين فطرت آهي ۽ اسانجي زندگيءَ ۾ هر وک تي مکمل رهنمائي ڪري ٿو. مٿي ذکر ڪيل ڪاوشن باوجود ضروري سمجهيو ويو ٿو ته مذهبي عالم سڳورا به سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارن سان اهڙين ڪوششن ۾ ڀاڱيدار ٿين. عام ماڻهن کي اسلامي تعليم جي روشني ۾ ڏينهون ڏينهن ختم ٿيندڙ قدرتي وسيلن جهڙوڪ: پاڻيءَ، ٻيلن، جهنگن ۽ جهنگلي جيوت جي فائدن کان آگاهه ڪري سگهن. اها ڳالهه چٽي ريت سمجهائين ته جاندارن جا سڀ قسم هڪ ٻئي تاجي رستي ڳنڍيل آهن ۽ اهڙي ڪنهن به جنس/قسم جي ختم ٿيڻ سان، قدرت جو اهڙو منظم سلسلو غير متوازن ٿي وڃي ٿو، جنهن جا گهٽيءَ ۽ گهريءَ حد تائين اثر انساني زندگيءَ تي پون ٿا.

هي ڪتابڙو، انهن ڪوشش کي تيز ڪرڻ جي هڪ تمام سٺي شروعات آهي جو هن قسم جي تحقيق ۽ تحرير جي گهڻي وقت کان ضرورت محسوس ٿي رهي هئي. جن جن مذهبي عالمن ۽ ماهرن هن ڪتابڙي کي سهيڙي پنهنجن راين سان جوڙي راس ڪيو آهي تن جون ڪوششون ساراهڻ جوڳيون آهن. مان پراميد آهيان ته اڳتي هلي هن ڪتابڙي کي هڪ مکمل ڪتاب جي صورت ڏني ويندي ۽ اسلامي تعليم ۽ قدرتي وسيلن جي علم جو ڀرپور جائزو ورتو ويندو. هر مڪتبه فڪر جي عالمن کي گذارش ڪندس ته هو هن ڪتابڙي مان ڀرپور فائدو حاصل ڪن ۽ ماڻهن ۾ قدرتي وسيلن جي قاعدن قانونن بابت اسلامي تعليم جي روشنيءَ ۾ شعور اجاگر ۽ سندن رهنمائي ڪن.

**محمد فاضل دراني**

اڳوڻو چيف سيڪريٽري، اتريان علائقا

# ويچار ـ ڪنزرويٽر جهنگلي جيوت ڪاتو، صوبو سرحد

اسانجي چوگرد موجود قدرتي ۽ غير قدرتي عنصرن ۽ انهن سان لاڳاپيل عملن کي گڏي سڏي 'ماحول' سڏيو وڃي ٿو. انهن عنصرن ۽ عملن ۾ زمين، پاڻي، هوا، ٻيلا، متجندڙ مندون، انسان، جانور، عمارتون، ڪارخانا، اچ وڃ جا ذريعا، ٻوڏون ۽ طوفان سيئي شامل آهن. الله تعاليٰ دنيا ۾ انسانن کي هڪ عمدو قدرتي ماحول عطا ڪيو آهي پر جيئن جيئن انساني آباديءَ ۾ واڌ ٿيندي ويئي تہ انسان بہ انداڌند ترقي ۾ ڪاهي پيو ۽ هن پنهنجي قدرتي ماحول کي دانستہ يا نادانستہ تباهہ ڪرڻ شروع ڪيو. هاڻ حالت اها آهي تہ ٻيلا ناس، جهنگلي جيوت ناپيد ۽ زمين جي زرخيزي ختم ٿي رهي آهي. پيئڻ لاءِ صاف پاڻي ۽ ساهہ کڻڻ لاءِ صاف هوا ناهي. انسانن کي اوچتيون، نيون نيون، اهڙيون تہ قدرتي آفتون ۽ شامتون گهيري ۾ آٽي رهيون آهن جو انسان جي زندگي عذاب ۾ گذري رهي آهي.

ٿيندڙ مشاهدن ۽ کوجنائن، اسريل ملڪن کي هر گهڙيءَ بگڙجندڙ ماحول سبب پيدا ٿيندڙ تباهہ ڪارين ڪري ششدر ڪري ڇڏيو آهي، جنهن سبب هنن ماحول سڌارڻ جي رٿائن تي عمل ڪرڻ شروع ڪيو آهي. پاڪستان ۾ بہ ماحول جي بچاءَ ۽ سڌار سنوار جون ڪيتريون رٿائون زير عمل آهن. جابلو علائقن جي تحفظ جي رٿا اهڙين رٿائن مان هڪ آهي.

يورپي پنهنجو پاڻ کي ماحول جي بچاءُ جا وڏا رکوالا سمجهن ٿا پر ان ڳالهہ کان اڻڄاڻ آهن تہ ماحول جو بچاءُ اسلام جي بنيادي اصولن مان هڪ آهي. قرآن

مجيد ۾ حديث نبوي ﷺ ۾ پاڪائي ۽ صفائي جي بار بار تاڪيد ڪيل آهي. ايستائين جو اولهه وارن جي سوچ ۾ تصور ڪان بہ وڌيڪ معاشي، سماجي ۽ روحاني ماحول جا اصول واضح ڪيل آهن. رڳو ضرورت ان ڳالهه جي آهي تہ، اسان انهن اصولن ڪي پنهنجي زندگيءَ ۾ لاڳو ۽ انهن تي پوري طرح عمل ڪريون.

اها ڳالهه بہ عام ڏسڻ ۾ ايندي رهي آهي تہ اسان جا عالم سڳورا پنهنجي درس و تدريس ۽ خطبن ۾ ماحول بابت اسلام جي تعليم تي گهربل ڌيان نٿا ڏين. جنهن جي نتيجي ۾ هڪ پاسي ڪان عوام الناس ماحول بابت اسلامي تعليم ڪان بي خبر رهي ٿو تہ ٻئي پاسي ڪان اسانجي آفاقي مذهب اسلام جو پيغام بہ اولهہ وارن يا ٻين غير اسلامي ملڪن تائين پهچي نہ ٿو سگهي. اهڙيءَ ڪميءَ مان خدا نہ ڪري اهو تاثر وڃي سگهجي ٿو تہ ماحولياتي مسئلن ۽ ماحول جي بچاءَ جي اهميت، اسلام جي دائري ۾ نہ ٿي اچي ۽ اهو بہ تاثر ورتو وڃي ٿو تہ اهڙا سڀ فڪر ۽ تعليم جديد سائنسي علمن جي مهرباني آهي.

ماحول جي بچاءَ بابت هي ڪتابڙو، اسلامي تعليم عام ڪرڻ جي سلسلي ۾ عالمن جي مدد ڪرڻ لاءِ قابل ۽ مجيل مذهبي استادن ۽ عالمن جي نگرانيءَ ۾ سندن صلاحن سان لکيو ويو آهي، جنهن ۾ ماحول بابت چونڊ آيتن ۽ حديثن جو بہ ذڪر ڪيو ويو آهي تہ ساڳئي وقت مناسب حڪمت عملي بہ تجويز ڪئي وئي آهي.

اميد اٿم تہ اسان جا مذهبي عالم هن ڪتابڙي جي مدد سان پنهنجي خطبن ۽ درس و تدريس جي پروگرامن ذريعي ماحول جي بچاءَ ۽ بقا لاءِ اسلامي تعليم کي عام ڪندا رهندا.

خير انديش

**محمد ممتاز ملڪ**

# موضوع جو تعارف

توهان پنهنجي روزمره جي زندگيءَ ۾ ”ماحول“ (Environment) جو لفظ اڪثر ٻڌو ۽ استعمال به ڪيو هوندو. اهو لفظ استعمال ته گهڻو ڪيو ويجي ٿو پر اڄان تائين ايترو عام فهم تي نه سگهيو آهي ته جيئن سڀ ڪو ان جي اصل مفهوم کي سولائيءَ سان سمجهي سگهي. لفظ ’ماحول‘ اسانجي چوطرف موجود انهن سڀني شين، عنصرن ۽ حالتن جو دائرو جوڙي ٿو، جيڪي سڌي يا اڻسڌي ريت اسانجي حياتين تي اثرانداز ٿين ٿا. ان ۾ ڌرتي، پاڻي، هوا، سج جي روشني، گرمي، ٻوٽا ۽ جانور، انهن جو پاڻ ۾ ڳانڍاپو، هڪ ٻئي جي استعمال ۽ مدار رکڻ سان پيدا ٿيندڙ تبديليون ۽ بگاڙ جهڙيون سڀ ڳالهيون اچي وڃن ٿيون. قدرت جو اهو نظام پنهنجي مقرر ڪيل توازن تحت روان دوان رهي ته ڌرتيءَ تي رهندڙ انساني، حيواني ۽ نباتاتي حياتيءَ جي بقا جو ضامن آهي.

اها ڳالهه بلڪل ائين آهي جيئن ڪنهن هاريءَ جي زمين کي وقت تي مينهن يا واهه جو پاڻي ملندو رهي ۽ سندس ٻنين جي زرخيزي برقرار رهڻ سان هو سالن جا سال لامحدود عرصي تائين پنهنجيءَ محنت جو ڦل حاصل ڪندو رهي. سندس پرپاسي جي فضا ۽ پاڻي صاف سٿرو رهي، هو ۽ سندس ڪٽنب جا ڀاتي بيمارين کان محفوظ رهن. قدرتي ماحول متوازن هجڻ سبب ڪيس طوفانن ۽ ٻوڏن جو ڀؤ نه هجي ۽ سندس عمارتي ڪاٺ ۽ ٻارڻ جون ضرورتون مقامي سطح تي پوريون ٿينديون رهن. سندس چوگرد رهندڙ مٽ مائٽ، دوست ۽ سڪ وارا به ساڳيءَ ريت زندگيءَ جي نعمتن سان خوشحال ۽ مالامال رهن ۽

سندن چوطرف ٻوٽن ۽ پکين پکڻن جي صورت ۾ زندگي روان دوان رهي ۽ ائين زندگي جو اهو سلسلو اڻٽٽ وقت تائين برقرار رهي. جڏهن ته ان قدرتي نظام کي غيرمتوازن ڪرڻ جو ڪو به عمل ڌرتي تي رهندڙ انسانن، حيوانن ۽ نباتات جي زندگي جي تباهيءَ جو سبب ٿي سگهي ٿو. ڇو ته دنيا ۾ ايندڙ تقريباً سڀ قدرتي آفتون ۽ شامتون قدرتي ماحول جي توازن ۾ بگاڙ سبب اچن ٿيون.

هڪ متوازن قدرتي ماحول انسان جي لاءِ الله تعاليٰ جي عظيم نعمت ۽ مهرباني آهي، انهن آفاقي نعمتن ڏانهن قرآن مجيد هيٺين آيت ۾ اشارو فرمايو آهي:

الَّذِیْ جَعَلَ لَكُمُ الْاَرْضَ فِرَاشًا وَّالسَّمَآءَ بِنَآءً ۠ وَّاَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَاَخْرَجَ بِهٖ مِنَ الثَّمَرٰتِ رِزْقًا لَّكُمْ ۚ (البقرہ: ۲۲)

”(الله اها ذات آهي) جنهن توهان لاءِ زمين کي فرش ۽ آسمان کي ڇت بڻايو ۽ آسمان مان مينهن وسائي ان رستي توهان لاءِ ميون جي غذا پيدا ڪئي.“

ڪائنات جي جوڙڻهار انساني گهرجن جي پورائي جو مڪمل بندوبست زمين اندر ڪري ڇڏيو آهي. ارشاد باري تعاليٰ آهي:

وَلَقَدْ مَكَّنّٰكُمْ فِی الْاَرْضِ وَجَعَلْنَا لَكُمْ فِیْهَا مَعَایِشَ ؕ قَلِیْلًا مَّا تَشْكُرُوْنَ (الاعراف: ۱۰)

”۽ بيشڪ اسان توهانکي زمين ۾ جاءِ ڏني ۽ ان ۾ توهانجي گذران جا وسيلا ٺاهيا (پر) توهان گهٽ شڪر ڪريو ٿا.“ مطلب ته الله تعاليٰ جي نعمتن (قدرتي وسيلن) جو بيجا استعمال ڪري ناشڪر ٿيو ٿا.

۽ هڪ ٻئي هنڌ فرمائين ٿا:

اَلَمْ نَجْعَلِ الْاَرْضَ كِفَاتًا اَحْیَآءً وَّ اَمْوَاتًا (المرسلٰت: ۲۵،۲۶)

”ڇا اسان زمين کي جيئرن ۽ مئلن سيني لاءِ ڪافي ناهي خلقيو.“ مطلب ته جتي زميني وسيلا زنده رهندڙن کي ڪم اچن ٿا ته ساڳئي طرح سان مردا جسم به منجهس ئي ڳري وڃن ٿا. يعني ته زمين جا سڀ وکر انسان جي خدمت لاءِ خلقيا ويا آهن. ارشاد باري تعاليٰ آهي:

هُوَ الَّذِیْ خَلَقَ لَكُمْ مَّا فِی الْاَرْضِ جَمِیْعًا ۗ (البقرہ: ۲۹)

”الله اهو ئي آهي جنهن سڀ ڪجھ توهان لاءِ پيدا ڪيو“. هيءَ آيت مختلف نعمتن ڏانهن اشارو ڪري ٿي جنهن ۾ انساني بقا، فائدي ۽ آسائش لاءِ کائڻ پيئڻ جون شيون، لباس ۽ ٻين ڪيترن قسمن جو ساز و سامان شامل آهي.

جيئن انسان انهن شين کي پنهنجو تابع ۽ فتح ڪيل سمجهي ۽ ائين چوي:

سُبۡحٰنَ الَّذِیۡ سَخَّرَ لَنَا هٰذَا وَ مَا كُنَّا لَهٗ مُقۡرِنِیۡنَ (الزخرف: ١٣)

”اها ذات پاڪ آهي جنهن انهيءَ کي اسانجي تابع ڪيو نہ تہ اسان انکي تابع ڪرڻ وارا نہ هئاسين.“

آسمان مان مينهن جو وسڻ، زمين مان اناج جو ڦٽڻ، هر طرح ۽ هر پاسي کان برڪتن جو نازل ٿيڻ انهيءَ ڳالھ تي موقوف آهي تہ، انسان جو ڪائنات ۽ ان جي خلقيندڙ سان لاڳاپو مضبوط ٿي وڃي ۽ انسان هر قسم جي ماحولياتي بگاڙ کان پاسو ڪري.

اها هڪ مڃيل حقيقت آهي تہ الله جل شانه ڪائنات کي انسانذات لاءِ تابع ۽ ان سان گڏ ڪيس پنهنجي زندگيءَ جي ضرورتن جي استعمال ڪرڻ جا طريقا بہ ٻڌايا آهن. انهن طريقن جو اصول هي آهي تہ انسان وسيلن جي استعمال ۾ عدل ۽ انصاف ۽ وچٿرائپ جي واٽ وٺي پر ائين نہ تہ، خودغرض مقصدن ماڻڻ لاءِ زندگي گذاري جنهن لاءِ قدرتي وسيلن کي جيئن چاهي، جهڙي ريت چاهي ۽ جنهن وقت چاهي استعمال ڪندو رهي. بلڪ هو پنهنجي حياتيءَ ۾ جيڪو ڪجھ بہ ڪندو ان جي ذري ذري جو حساب ٿيندو. هو پنهنجي وقت ۽ قدرتي وسيلن کي اسلام جي ٻڌايل اصولن موجب ڪتب آڻيندو تہ ٻنهي جهانن ۾ سوڀارو ٿيندو. جيڪڏهن هو وسيلن کي فطري طريقي بدران پنهنجن جوڙيل غير مناسب طريقن مطابق استعمال ڪندو تہ ان جو نتيجو سمنڊ ۽ خشڪيءَ يعني هر هنڌ جهيڙي ۽ تڪرار جي صورت ۾ پڌرو ٿيندو. مطلب تہ، خشڪي ۽ پاڻيءَ جي قدرتي وسيلن جي بيدرديءَ سان استعمال ڪرڻ سان هڪ اهڙو عدم توازن پيدا ٿيندو جنهن جي نتيجي ۾ ٻوڏون اينديون، طوفان لڳندا ۽ زلزلن پويان زلزلا ايندا ۽ زميني ۽ آبي حيات سنگين خطرن جو شڪار ٿي ويندي. انهن حقيقتن ڏانهن هيٺين آيت سڳوريءَ ۾ اشارو فرمايو ويو آهي:

ظَهَرَ الْفَسَادُ فِي الْبَرِّ وَالْبَحْرِ بِمَا كَسَبَتْ اَيْدِي النَّاسِ (الروم: ۴۱)

”ماڻهو جيڪي برا ڪم ڪري رهيا آهن، ان سبب خشڪي ۽ ترئ تي فساد پکڙجي ويا آهن“.

قدرتي نظام کي پنهنجن لوڀي مقصدن لاءِ استعمال ڪرڻ ’ظلم‘ جي وصف ۾ اچي ٿو. انسان جڏهن اهڙو ظلم ڪري ٿو ته ڄڻ هو خود پنهنجو پاڻ سان زيادتي ڪري ٿو. رب ڪريم ارشاد فرمائي ٿو:

وَمَا ظَلَمُوْنَا وَلٰكِنْ كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ (البقره: ۵۷)

وَمَا ظَلَمَهُمُ اللّٰهُ وَلٰكِنْ كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ (النحل: ۳۳)

”۽ الله انهن سان زيادتي نه ڪئي هئي پر هو پنهنجين جانين تي پاڻ زيادتي ڪندڙ هئا“.

فَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيَظْلِمَهُمْ وَلٰكِنْ كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ ـ (الروم: ۹)

يعني، ڪائنات جو رب انهن تي ظلم ڪرڻ وارو ناهي پر اهي ماڻهو پاڻ تي پاڻ مسلسل ظلم ڪندڙ آهن. پاڻ تي ظلم ڪرڻ جو هڪڙو مطلب هي به آهي ته انسان، قدرتي وسيلن جو ناجائز استعمال ڪري پنهنجي موت جو بندوبست پاڻ ڪري ٿو.

هڪ ٻيءَ آيت ۾ الله تعاليٰ انهن ماڻهن جي سخت ننڊا فرمائي آهي جيڪي رسول الله ﷺ جن آڏو ته من موهيندڙ ڳالهيون ڪندا هئا پر سندن محفل مان اٿي وڃڻ ڪانپوءِ ماحول جي تباهي لاءِ تيار تي ويندا هئا. ارشاد رباني آهي:

وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يُّعْجِبُكَ قَوْلُهٗ فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَيُشْهِدُ اللّٰهَ عَلٰى مَا فِيْ قَلْبِهٖ ۙ وَهُوَ اَلَدُّ الْخِصَامِ ﴿۲۰۴﴾ وَاِذَا تَوَلّٰى سَعٰى فِي الْاَرْضِ لِيُفْسِدَ فِيْهَا وَيُهْلِكَ الْحَرْثَ وَالنَّسْلَ ؕ وَ اللّٰهُ لَا يُحِبُّ الْفَسَادَ (البقره: ۲۰۴، ۲۰۵)

”ماڻهن ۾ ڪي اهڙا به ٿين ٿا جن جون ڳالهيون توکي دنياوي زندگيءَ ۾ سنيون لڳن ٿيون ۽ هو پنهنجي دل جي سچائيءَ سان الله کي شاهد ڪري ٿو.

”ماڻهن ۾ ڪي اهڙا بہ تين تا جن جون ڳالهيون توکي دنياوي زندگيءَ ۾ سٺيون لڳن ٿيون ۽ هو پنهنجي دل جي سچائيءَ سان الله کي شاهد ڪري ٿو. جڏهن تہ حقيقت ۾ اهي سخت جهيڙاڪ تين تا. جڏهن کين اختيار ملي ٿو تہ زمين تي فساد ڪرائڻ جي ڪوشش ڪن تا ۽ لکين جانيون برباد ڪن ٿا. جڏهن تہ الله فساد کي پسند نٿو ڪري.“

ڪائنات ۾ بيشمار ساهہ واريون شيون رهن ٿيون. اهي سڀ پنهنجي اوسي پاسي جي ماحول مان کائين پيئن ۽ ان کي استعمال ڪن ٿيون. جڏهن تہ قدرت، ڪائنات ۾ بگاڙ جو ذميوار رڳو انسان کي قرار ڏنو آهي. ان جو اصل سبب انسان جون اهي صلاحيتون آهن جيڪي ٻين ساهوارن ۾ ناهن. مثال طور: سوچڻ، ڳالهائڻ ۽ رٿابندي ڪرڻ جي قوت وغيره جنهن سبب انسان، جيتوڻيڪ طبعي ۽ جسماني لحاظ کان هڪ ڪمزور مخلوق آهي پر تنهن هوندي بہ هڪ انتهائي طاقتور جاندار جي صورت ۾ ٻين سيني جاندارن ۽ بي جان شين کي پنهنجيءَ غرض لاءِ استعمال ڪري ٿو، جنهن سبب ماحول ۽ قدرتي وسيلن جا ذخيرا مختلف قسمن جي خطرن ۾ آهن. اهڙن وسيلن جي قوت برداشت تڏهن ختم ٿيڻ شروع ٿي جڏهن انسان تيل ۽ گئس ڪانسواءِ ڪوئلي تائين پهتو ۽ انهن مان توانائي حاصل ڪرڻ ۽ استعمال ڪرڻ لاءِ مختلف طريقن جهڙوڪ: ٻاڦ تي هلندڙ انجڻ ايجاد ڪئي، وڏا وڏا ڪارخانا لڳايا ۽ نيون نيون مشينون ٺاهيون. انسان، قدرتي وسيلن ۽ ٻين ماحولياتي آسائشن مان وڏو فائدو حاصل ڪيو آهي. جڏهن تہ ماحولياتي آسائشن جي بي حساب استعمال ڪرڻ سان ڪيترا گنڀير مسئلا بہ پيدا ٿيا آهن جهڙوڪ:

- صنعتي ڪارخانن ۽ موٽر گاڏين مان نڪرندڙ دونهين سان هوا زهريلي ٿيڻ لڳي، تيزابي مينهن وسڻ لڳا، اوزون (Ozone) جي تهہ ۾ سوراخ ٿيڻ لڳا، زمين جو گرمي پد وڌڻ لڳو ۽ موسمن جو سرشتو جهرڻ لڳو، جنهن سبب وڏيون موسمي تبديليون نروار ٿيون آهن.
- مصنوعي ڪيميائي مادن ۽ گئسن سبب پاڻي، هوا ۽ زمين غليظ ٿيڻ لڳي آهي.

- ٻيلن ڪي بي درديءَ سان ڪٽڻ سبب زمين جي ڪاڙ ۾ واڌ آئي آهي ۽ ٻيلا بيابان ۾ تبديل ٿيڻ لڳا آهن.
- ڪن علائقن ۾ پاڻي جي مصنوعي ذخيرن ۽ آبپاشيءَ جي ناقص نظام سبب زمين، سم ۽ ڪلر جو شڪار ٿيندي رهي آهي.
- ٻيلن جي ڪوٽ ۽ ماحولياتي گدلاڻ سبب جهنگلي جيوت متاثر ٿي رهي آهي.
- زندگيءَ جي آسائشن ۽ صحت سنڀال جي بهتر سهولتن ميسر هجڻ سبب آباديءَ ۾ واڌاري اچڻ سان قدرتي وسيلن تي دٻاءُ وڌندو رهيو آهي.
- صاف پاڻيءَ جي قلت ٿي آهي.
- غريب ۽ امير جي وچ ۾ وڇوٽي وڌندي رهي ۽ قومن ۾ وسيلن جي غيرمنصفانه ورڇ ٿيڻ لڳي.

هاڻ انهن مسئلن جي سلجهائڻ جي سمجھ اچي وئي آهي ۽ مختلف ملڪن ۾ ان ڏس ۾ ڪم ٿي رهيو آهي ته قدرتي ماحول کي کهڙي ريت بچائي ان ۾ انسان جي اجائي هٿچراند کي ڪيئن روڪيو وڃي. ان حوالي سان، اطمينان جوڳي ڳالهه هيءَ آهي ته اسان وٽ قرآن پاڪ ۽ حديثن جي صورت ۾ هڪ قيمتي زخيرو موجود آهي جنهن ڏانهن رجوع ٿي اسان گهڻي بهتر انداز سان ماحول جي حفاظت ڪري پنهنجو مقصد ماڻڻ لاءِ سفر جاري رکو سگھون ٿا. انسان ۽ ماحول ۾ لاڳاپن جي حوالي سان قرآن پاڪ ۽ نبي ڪريم ﷺ جون حديثون ان راهه ۾ بهترين رهنمائي ڪري سگھن ٿيون.

باب پهريون

# گوناگو جيوت

# ۽

# ماحولياتي سرشتي جو توازن

## گوناگوجيوت ۽ ان جي اهميت

الله تعاليٰ ڌرتيءَ جي گولي تي انسان کان علاوهِ ڪيترن ئي قسمن جا ٻيا ساهوارا بہ پيدا ڪيا آهن، جيڪي پنهنجي مخصوص ماحول جي مناسبت سان ڌرتي ۾ چوڌس پکڙيل آهن، جن ۾ خوردبيني جيون کان وٺي مانگر مڇ ۽ هاٿيءَ جهڙا ديون جيڏا ساهوارا بہ شامل آهن. وڻ ٽڻ، جانور، جيت جڻيا ۽ ٻي مخلوق الله تعاليٰ جي تخليق جو مظهر آهي. هن ڌرتيءَ تي موجود سيني بيشمار قسمن جي جيئرن جاڳندن جسمن کي مجموعي طور تي ’گوناگوجيوت‘ (Biodiversity) جو نالو ڏنو ويو آهي. هڪ ڪاتي موجب ڌرتيءَ تي لڳ ڀڳ 90 لکن کان 5 ڪروڙن تائين گوناگوجيوت موجود آهي جن مان هن وقت تائين رڳو 22 لکن جي سڃاڻپ ٿي سگهي آهي.(1.3)

هيٺئين ٽيبل ۾ گوناگوجيوت جي قسمن جو ڪاتو ڏنل آهي.(1)

| ساهوارن جا قسم | لڌل قسم | لڌل ۽ اڻ لڌل سمورا قسم |
|---|---|---|
| بئڪٽيريا / وائرس | 5,800 | 10,000 |
| پروٽوزوا / الجي | 1,00,000 | 2,50,000 |

| | | |
|---|---|---|
| فنجاءِ | 80,000 | 15,00,000 |
| بنا ڪرنگهي جانور | 15,00,000 | 7 ملين کان 50 ملين |
| جل ٿل واسي/ رڙهندڙ | 12,000 | 13,000 |
| مڇيون | 20,000 | 23,000 |
| پکي | 9,100 | 9,200 |
| ٿڻائتا جانور | 4,200 | 4,300 |
| ٻوٽا | 4,00,000 | 5,00,000 |
| جملي قسم | 21,25,000 | 5 ملين کان 52 ملين |

مطلب ته دنيا ۾ موجود ڀانت ڀانت جيوت جو ڪاٿو لڳائي سگهڻ ممڪن ناهي. ڇاڪاڻ ته انساني علم ۾ اضافي سان نوان نوان راز نروار ٿي رهيا آهن ته پراڻن ڪاٿن ۾ به تبديليون ٿي رهيون آهن.

گرم علائقن (Tropics) ۾ سڀ کان وڌيڪ قسمن جا جاندار ٿين ٿا. جيتوڻيڪ گرم علائقا دنيا جي جملي ايراضيءَ جو رڳو 6 سيڪڙو آهن پر تنهن هوندي به اتي سڄيءَ دنيا جي قسمين قسمين جاندارن جو اڌ موجود آهي.

جڳهي گوناگوجيوت هڪ جينيٽڪ (موروثي) لئبريري جيان آهي جيڪا زندگيءَ کي مسلسل روان دوان رکڻ لاءِ ڪيترن اربين سالن لاڪر ارتقا ڪندي رهي آهي. حقيقت ۾ گوناگوجيوت ئي ماحولياتي نظام جي پيداوار ۽ بنياد آهي جنهن تي اسانجو ۽ ٻين قسمن جو دارومدار آهي ۽ اها ئي مستقبل جي حياتياتي ارتقا ۽ جينيٽڪ انجنيئرنگ جو سرچشمو به آهي. اهڙيءَ گوناگونيت جي بگاڙ ۽ ناس ٿيڻ کي روڪڻ لاءِ انهن جي ماحولياتيءَ ڪانسواءِ معاشي، سماجي، جمالياتي، تفريحي، اخلاقي ۽ مذهبي اهميت به آهي.

گوناگوجيوت کاڌ خوراڪ جو وسيلو پڻ آهي. گوناگو آبادين جي کاڌي جون گهرجون سڌيءَ يا اڻسڌيءَ ريت ٻوٽن مان اناج، ميون ۽ سبزين جي صورت ۾ يا ٻوٽن تي پلجندڙ جانورن جي گوشت ۽ کير جي صورت ۾ حاصل ڪيون وڃن ٿيون. صحت سلامت رکڻ ۽ بيمارين کان بچڻ لاءِ تقريباً

سڀ يوناني دوائون ته 40 سيڪڙو انگريزي دوائون جڙين ٻوٽين مان حاصل ٿين ٿيون.

گهڻن قدرتي ٻوٽن جي اجا تائين سڃاڻپ ۽ انهن جي اهميت جي خبر پئجي نه سگهي آهي ته ڪيترين جنسن مان فائدو به وٺي نه سگهيا آهيون. اهڙيون جنسون ايندڙ نسل لاءِ وڏي اهميت رکن ٿيون جو مستقبل ۾ انهن جنسن رستي ميون ۽ فصلن جون ڪيتريون اهڙيون جنسون پيدا ڪري سگهبيون جيڪي وڌيڪ پيداوار ڏيندڙ، بيمارين لاءِ گهڻي مزاحمت رکندڙ ته منجهن ماحول جي پيدا ٿيندڙ سخت حالتن برداشت ڪرڻ جي سگهه هوندي.

دنيا ۾، ڪيترن قسمن جي جانورن، پکين ۽ رڙهندڙن جو گوشت ته ڪن حصن ۾ اڏامندڙ جيتن ڪي به پروٽين (Protein) حاصل ڪرڻ لاءِ کاڌو وڃي ٿو. اسان وٽ ماکڙ ڪي حلال سمجهيو وڃي ٿو. کاڌي طور استعمال ڪرڻ کان علاوه ڪيترن جانورن ڪي طبي ۽ سائنسي تحقيق جهڙوڪ: دوائن، ٽڪن، ترياق ۽ جراحي لاءِ ٿيندڙ جديد تجربن لاءِ به استعمال ڪيو وڃي ٿو. چو ته، اهڙن قدرتي وسيلن ڪانسواءِ سائنسي تحقيق ۾ ترقي ٿي نٿي سگهي.

اسان ڪيترن حياتياتي وڪرن مان ڪپڙا ۽ ٻيو گهڻو ڪجهه ٺاهيون ٿا ته اسانجي انفرادي، اجتماعي، قومي ۽ عالمي معيشت جو مدار به گوناگوجيوت تي آهي ته اهي ئي وسيلا جنگين ۽ جهيڙن جو بنياد به بڻجن ٿا.

گوناگوجيوت جي هر پهلوءَ ۽ هر روپ جي پنهنجي پنهنجي سائنسي اهميت ۽ افاديت آهي، جو اهي سائنسدانن ڪي زندگيءَ جي ارتقا ڪيئن ٿي ۽ مستقبل ۾ ان جو تسلسل ڪيئن جاري رهندو؟ جهڙين ڳالهين سمجهڻ ۾ سهائتا ڪري ٿي. گوناگوجيوت، ماحولياتي سرشتي جي بنيادي خدمت به ڪندي رهي ٿي جهڙوڪ: فضا/وائي منڊل (Atmosphere) ۾ آڪسيجن ۽ ٻيون گئسون پيدا ۽ انهن جو توازن برقرار رکڻ ۾ مدد ڪرڻ، ڌرتيءَ تي موسم معتدل رکڻ، متواتر پاڻي مهيا ڪرڻ، کاڌي، کاڻي ۽ قدرتي ٻارڻ ۾ شمسي توانائيءَ کي ڪيميائي توانائي جي صورت ۾ سانديل رکڻ، زهريلن

مادن جي چنبڇاڻ ڪرڻ ۽ انهن جي زهريلن اثرن کي گهٽائڻ، شعاعدار ڪرڻن رستي گند ۽ غلاظت کي ڳارڻ ساڙڻ، فصلن جي نقصانڪار جيتن ۽ بيماريون پيدا ڪندڙ جيون کي ناس ڪرڻ ۽ هڪ اهڙو جينياتي خزانو جوڙين ٿيون جنهن مان اسان ۽ ٻيون جنسون فائدو وٺن ٿيون. انهن سڀني ڳالهين کان علاوه گوناگوجيوت قدرتي لقائن جي مختلف عملن جي تڪميل ۾ مدد ڪري ٿي جن ڪانسواءِ توانائي ۽ مختلف قسمن جون گئسون وغيره پنهنجا ڦيرا (cycles) مڪمل ڪري نہ ٿيون سگهن.

جيڪڏهن گوناگوجيوت جو ڏاهپ سان استعمال ڪجي ۽ انهن جي استعمال جي حد نہ اورانگهجي تہ انهن مان دائمي طور تي سڀئي فائدا حاصل ڪري سگهجن ٿا. سياڻپ سان استعمال ڪندي رهڻ سان نہ رڳو اسانجيون گهرجون پوريون ٿينديون رهنديون تہ جاندارن جي بقا کي بہ مستقل خطرو باقي نہ رهندو ۽ اهو ئي جٽادار (Sustainable) استعمال جو بنيادي اصول آهي.

جڏهن تہ انسان، سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ ريت گوناگوجيوت کي تباهہ برباد ڪري رهيو آهي. انساني آباديءَ جي وڌندڙ انگ ۾ بي سري واڌ سبب پيدا ٿيندڙ بي پناهہ گهرجن ۽ ضرورتن جي پورائيءَ لاءِ گوناگوجيوت جو استعمال ڏاهپ جا ليڪا لتاڙي چڪو آهي. عمارتي ڪاٺ ۽ ٻارڻ جون وڌندڙ ضرورتون، زرعي زمينون وڌائڻ لاءِ ٻيلن جي وڏي پئماني تي صفائي، گهٽي زرعي اپت حاصل ڪرڻ لاءِ جيت مار دوائن ۽ ڪيميائي ڀاڻ جو استعمال، فضا ۽ پاڻي کي غليظ ڪندڙ ڪارخانن جي انگ ۾ واڌ ۽ چراگاهن جي گنجائش کان وڌيڪ منجهن چوپايو مال چارڻ، معاشي ۽ تجارتي فائدن جي لالچ ۾ قدرتي وسيلن جو بي تحاشا استعمال، جانورن جو عام جام شڪار ۽ ان قسم جي ٻين لوڀي مقصدن سبب گوناگوجيوت ۾ بگاڙ پيدا ٿيو آهي، جنهن سبب زمين جي اپت جي صلاحيت گهٽبي پئي وڃي، هوا ۽ پاڻي ڪنو ٿي چڪو آهي ۽ زندگيءَ کي دوام بخشيندڙ تاجيون ٽٽنديون پيون وڃن.

دنيا ۾ ٿيندڙ جملي قسمن جي ٻوٽن جو ڏهون حصو ناپيد ٿيڻ جي خطري ۾ آهي ۽ آءِ يو سي اين جي اندازي مطابق جانورن ۽ ٻوٽن جون 4,500 اسپيشيز/ جنسون ناپيد ٿيڻ جي سنگين خطري ۾ آهن. اسانجي اڻڄاڻائي يا بي حسيءَ سبب روزانو ڊگهي لسٽ ٺهي ٿي جانورن جي، جانورن جو ڪو نہ ڪو هڪ قسم هميشہ هميشہ لاءِ ختم ٿي رهيو آهي. ويجهي ماضيءَ ۾ پاڪستان مان جهنگلي جيوت جا ڪيترا قسم جهڙوڪ: شينهن، چيتو، گينڊو ۽ ٻارنهن سڱو ختم ٿي چڪا آهن تہ اهڙيون ٻيون ڪيتريون جنسون ناپيد ٿيڻ تي آهن. گوناگوجيوت ۾ پيدا ٿيندڙ اهڙي خلل، قدرتي سرشتن جي توازن کي ڏانوانڊول ڪري ڇڏيو آهي، جن سان انسان جي پنهنجي بقا سلهاڙيل آهي جي هڪ پيرو بہ بي توازن ٿي ويو تہ انسان جو پنهنجو وجود بہ خطري ۾ پئجي ويندو. دنيا ۾ ايندڙ ٻوڏون، سوڪهڙا، زلزلا ۽ بيماريون ماحولياتي آفتن جون نشانيون آهن.

قدرتي حياتياتي سرشتي کي بچائڻ سان ئي، انسان پاڻ کي محفوظ رکي سگهي ٿو. تنهنڪري تمام ضروري سمجهيو وڃي ٿو تہ حياتياتي سرشتن جو ناجائز استعمال ڪرڻ بند ڪيو وڃي.

حياتيات جي ماهرن مطابق، گوناگوجيوت کي يقيني بچائڻ جو بهترين طريقو هي آهي تہ عالمي سطح تي گوناگوجيوت لاءِ پناهہ گاهون يعني 'نئشنل پارڪ' ۽ اهڙا ٻيا ماڳ قائم ڪيا وڃن جيڪي سڄيءَ دنيا جي جملي ايراضيءَ جو گهٽ ۾ گهٽ 10 سيڪڙو هجن. جڏهن تہ هن وقت، زمين جي ڪل ايراضيءَ جو رڳو 4 سيڪڙو علائقو تحفظ ڏنل آهي. 1997ع ۾ آءِ يو سي اين جي ورتل جائزي مطابق، پاڪستان ۾ اهڙا ڪل 225 تحفظ ڏنل علائقا آهن جن جي جملي پکيڙ 9,170,121 هيڪٽر آهي. [7]ٻين لفظن ۾ اهو انگ ملڪي ايراضيءَ جو رڳو 10.4 سيڪڙو آهي.

جڏهن تہ حقيقت ۾ اهي تحفظ ڏنل علائقا بہ محفوظ ناهن. تنهنڪري انهن جي صحيح طرح سان حفاظت ڪرڻ جي ضرورت آهي. ساڳئي وقت اهو بہ ضروري سمجهيو وڃي ٿو تہ اهڙي هر تحفظ ڏنل علائقي جو جوڳو انتظامي بندوبست هجي ۽ ان تي عمل ڪجي.

## اسلام ۾ ماحولياتي نظام ۾ توازن:

الله تعاليٰ ڪائنات کي وڏي متوازن انداز ۾ پيدا ڪيو آهي. ارشاد آهي:

وَالْاَرْضَ مَدَدْنٰهَا وَ اَلْقَيْنَا فِيْهَا رَوَاسِيَ وَ اَنْۢبَتْنَا فِيْهَا مِنْ كُلِّ شَيْءٍ مَّوْزُوْنٍ ﴿۱۹﴾ وَجَعَلْنَا لَكُمْ فِيْهَا مَعَايِشَ وَمَنْ لَّسْتُمْ لَهٗ بِرٰزِقِيْنَ ﴿۲۰﴾ وَاِنْ مِّنْ شَيْءٍ اِلَّا عِنْدَنَا خَزَآئِنُهٗ ۫ وَمَا نُنَزِّلُهٗٓ اِلَّا بِقَدَرٍ مَّعْلُوْمٍ ﴿۲۱﴾ (الحجر: ۱۹، ۲۱)

” ۽ زمين کي اسان وڇايو ۽ اسان منجهس جبلن جا لنگر هنيا ۽ ان ۾ هر قسم جون شيون تناسب سان ڦٽايون ۽ ان ۾ اسان توهان جي گذران جو سامان به رکيو ۽ انهن جي گذران جو به جن کي توهان روزي نه ٿا ڏيو ۽ ڪا به اهڙي شئي ناهي جنهن جا خزانا اسان وٽ موجود نه هجن، اهي اسان هڪ مقرر انداز ۾ لاهيندا آهيون“

۽ دعويٰ سان چيو آهي ته:

مَا تَرٰى فِيْ خَلْقِ الرَّحْمٰنِ مِنْ تَفٰوُتٍ ؕ فَارْجِعِ الْبَصَرَ ۙ هَلْ تَرٰى مِنْ فُطُوْرٍ ﴿۳﴾ ثُمَّ ارْجِعِ الْبَصَرَ كَرَّتَيْنِ يَنْقَلِبْ اِلَيْكَ الْبَصَرُ خَاسِئًا وَّهُوَ حَسِيْرٌ ﴿۴﴾ (الملک: ۳، ۴)

”توهان خداءِ رحمان جي خلقت ۾ ڪو به خلل نه ڏسندؤ، نظر ڦيرايو، ڇا توهانکي ڪو نقص نظر اچي ٿو ۽ وري وري نظر ڦيرايو، توهانجي نظر مايوس ٿي واپس ايندي“.

هوا ۾ نائٽروجن، آڪسيجن ۽ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جو مقدار ۽ انهن جو ڳانڍاپو، سمنڊن جو ڌرتي جي 3/4 حصن تي ڦهليل هجڻ، ڌرتيءَ جو سج کان مفاصلو، ڌرتيءَ جو پنهنجي ئي مرڪز ڏانهن لاڙو، ڌرتي جي روزاني ۽ ساليانی گردش ۽ اهڙين ٻين ڪيترين ڳالهين رستي زمين جي ماحول کي انساني جياپي لاءِ مناسب ۽ متوازن ڪيو ويو آهي.

قرآن حڪيم مطابق قدرت جي نظام ۾ هيٺيان ڪجهه بنيادي قانون لاڳو آهن، جن کي سمجهڻ انتهائي ضروري آهي.

ا) فَاطِرِ السَّمٰوٰتِ وَ الْاَرْضِ (يوسف:۱۰۱)

”الله تعاليٰ زمين ۽ آسمان (جملي مخلوق) جو خالق آهي.“

وَالشَّمْسَ وَالْقَمَرَ ؕ وَالنُّجُوْمُ مُسَخَّرٰتٌۢ بِاَمْرِهٖ (النحل: ۱۲)

”سج، چنڊ ۽ تارا سڀ سندس حڪم جا تابع آهن.“

II) ڪائنات جي تخليق هڪ خاص مقصد لاءِ وجود ۾ آئي آهي.

وَمَا خَلَقْنَا السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا لٰعِبِيْنَ ﴿۳۸﴾ (الدخان: ۳۸)

”۽ اسان آسمان ۽ زمين ۽ انهن جي وچ وارين شين کي کل يوڳ لاءِ ناهي پيدا ڪيو.“ پر ان لاءِ ته انسان ان مان فيض حاصل ڪري ۽ قادر مطلق جي ڏسيل طريقن مطابق انهن جو استعمال ڪري سگهي.

III) الله تعاليٰ انسان کي زمين تي پنهنجو خليفو ۽ امين ڪري موڪليو ان لاءِ:

i) سندس لاءِ ڪائنات جي نظام جون حدون مقرر ڪيون:

وَتِلْكَ حُدُوْدُ اللّٰهِ ؕ وَمَنْ يَّتَعَدَّ حُدُوْدَ اللّٰهِ فَقَدْ ظَلَمَ نَفْسَهٗ (الطلاق: ۱)

”۽ اهي الله جون مقرر ڪيل حدون آهن ۽ جنهن به الله جون حدون اورانگهيون ته ان پنهنجي لاءِ برو ڪيو.“

ii) ”سمجهايو ته هو جيستائين پاڻ نعمتن جو انڪار نه ڪندو، ڪيس نعمتن سان نوازيو ويندو.“

ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ لَمْ يَكُ مُغَيِّرًا نِّعْمَةً اَنْعَمَهَا عَلٰى قَوْمٍ حَتّٰى يُغَيِّرُوْا مَا بِاَنْفُسِهِمْ (انفال: ۵۳)

”ان لاءِ ته الله تعاليٰ جيڪا نعمت ڪنهن قوم کي ڏيندو آهي ته پوءِ تيستائين نٿو بدلائي جيستائين اها قوم پاڻ پنهنجي حالت نٿي بدلائي.“

iii) الله تعاليٰ عدل ۽ انصاف جي مرتبي کي هميشه مٿانهون ڪيو آهي. جيڪڏهن انسان انصاف قائم نه رکيو، فساد تي لهي آيو ۽

ڏٺي تعاليٰ جي مقرر حدن اورانگهڻ جي ڪوشش ڪئي تہ اهو اڻ وڻندڙ عمل هوندو.

اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ الْمُقْسِطِيْنَ ﴿٩﴾ (الحجرات: ٩)

وَاللّٰهُ لَا يُحِبُّ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿٦٤﴾ (المائده: ٦٤)

iv) جيڪو انهن هدايتن تي عمل نہ ڪندو اهو سزا جو مستحق هوندو. ارشاد باري تعاليٰ آهي:

مَنْ عَمِلَ صَالِحًا فَلِنَفْسِهٖ وَمَنْ اَسَآءَ فَعَلَيْهَا ۭ وَمَا رَبُّكَ بِظَلَّامٍ لِّلْعَبِيْدِ ﴿٤٦﴾

(حم السجده: ٤٦)

”جيڪو نيڪي ڪندو تہ پنهنجي ڀلي لاءِ ۽ جيڪو بدي ڪندو تہ پنهنجي بديءَ لاءِ ۽ تنهنجو رب ٻانهن تي ظلم ڪندڙ ناهي.“

ماحولياتي نظام ۾ توازن جو بگاڙ انساني زندگيءَ لاءِ خطرن ۾ واڌ جو ڪارڻ بڻجي ٿو. مثال طور: جيڪڏهن اڄ اسانجي زمين جي سائيز ٻيڻي ڪئي وڃي يا ان جو سج کان مفاصلو گهٽجي اڌ ٿي وڃي تہ پهرين حالت ۾ ڪشش ثقل وڌي ويندي ۽ ٻين گرهن سميت ان جي توازن ۾ بگاڙ پيدا ٿيندو. ان جي پنهنجي محوري ۽ ارضي رفتار جهڪي ٿي ويندي، ڏينهن ۽ رات جي مدي ۽ موسمن ۾ فرق اچي ويندو. سياري ۾ برفاني علائقن ۾ حد کان وڌيڪ برف پوندي تہ اونهاري ۾ گهٽي برف رجڻ سبب دريائن ۾ ٻوڏون اينديون. سڪيءَ جو ڄرجي وڃڻ هڪ قدرتي عمل هوندو. جڏهن تہ سج کان مفاصلو گهٽجڻ يا وڌڻ سبب، ڌرتيءَ جي مٿاڇري جو گرمي پد انساني برداشت کان وڌيڪ هوندو. انسان سميت سموري مخلوق جانور، پکي ۽ ٻوٽا بہ نيست نابود ٿي ويندا ۽ سڄيءَ ڌرتيءَ تي مڪمل سانت ڇانئجي ويندي.

نانگن جي ناپيد ٿيڻ سان ڪوئن جي انگ ۾ ايترو اضافو ٿيندو جو زرعي اپت تمام گهٽي گهٽجي ويندي. ساڳئي طرح سان جيت جڻيا کائيندڙ پکين جي انگ ۾ گهٽتائي اچڻ سان جيتن جي تعداد ۾ ايترو واڌارو ٿيندو جو اسانجا فصل خطري ۾ اچي ويندا. اها ڳالهہ بہ جڳ مشهور آهي تہ، چينين پنهنجن

فصلن کي جهرڪين سبب نقصان کان بچائڻ لاءِ تقريباً سڀ جهرڪيون ماري ڇڏيون پر پوءِ ستت ئي کين احساس ٿيو تہ جهرڪيون جن جو گذر سفر جيتن تي ٿيندڙ هو تن جي گهٽجڻ سان جيتن جي تعداد ۾ تمام گهڻو واڌارو ٿيو آهي ۽ هاڻي اهي جيت فصلن کي شديد نقصان ڏئي رهيا آهن، جنهنڪري کين نئين سر جهرڪيون متعارف ڪرائڻيون پيون.

هن ڌرتي تي انساني آدمشماري ۾ روزانو واڌارو ٿي رهيو آهي. شهر ۽ ڳوٺ ڦهلجي رهيا آهن. وڏيڪ زراعت وڌائڻ، عمارتي ڪاٺ ۽ ٻارڻ جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ ٻيلن جو انڌاڌنڌ صفايو ٿي رهيو آهي. نتيجتاً، دنيا ۾ ٻيلن جي ايراضي جيڪا سال 1980 ۾ 700 ڪروڙ هيڪٽر هئي، سال 1990 ۾ گهٽجي 400 ڪروڙ هيڪٽر وڃي بچي آهي يعني رڳو ڏهن سالن جي عرصي ۾ ٻيلن جي ايراضي ۾ 30 سيڪڙو گهٽتائي آئي آهي. جڏهن تہ هاڻ بہ، مختلف قسمن جي گهرجن جي پورائيءَ لاءِ هر سال اندازاً هڪ ڪروڙ ڏهہ لک هيڪٽر ايراضي ٻيلن کان صاف ڪئي پئي وڃي.

پاڪستان ۾ ڪل ٻيلا 42 لک هيڪٽرن تي يعني جملي ملڪي ايراضيءَ جو 4.8 سيڪڙو آهن. اسانجي ٻيلن جي جملي ايراضيءَ ۾ هر سال 4 کان 6 سيڪڙي تائين گهٽتائي ٿي رهي آهي. خدشو آهي تہ ايندڙ 10 کان 15 سالن اندر اسان پنهنجن ٻيلن کان مڪمل محروم ٿي ويندا سين.

توزڪ بابري ۾، مغل بادشاهہ ظهير الدين بابر خيبر جي جبلن ۾ شينهن جي شڪار جو ذڪر ڪيو آهي. جڏهن تہ هاڻ اهي گهاٽا ٻيلا، ڪوئلي ۽ ٻارڻ جي ڪاٺ حاصل ڪرڻ سبب ختم ٿي چڪا آهن ۽ انهن جبلن تي ورلي ڪو وڻ نظر اچي ٿو. وڻن نہ هجڻ سبب جابلو زرخيز مٽي مينهن جي پاڻي وهائي ڇڏيو آهي، جنهن سبب هاڻ اتي ساوڪ ڦٽڻ ناممڪن آهي. وڻ، جن سبب موسمون وڻندڙ ٿين ٿيون، مينهن وسائڻ ۾ سهائتا ڪن ٿا ۽ ڪيترن قسمن جي جهنگلي جيوت ۽ جڙين ٻوٽين جي پالنا ڪن ٿا، گهڻي ڀاڱي انسان ڪاٽي ڪپائي ڇڏيا آهن.

اڄ وچ جا مشيني ذريعا ڪوئلي، ڊيزل ۽ پيٽرول تي هلن ۽ ڪيترن قسمن جون زهريليون گئسون خارج ڪن ٿا جن ۾ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ ۽ آڪسيجن جي توازن ۾ بگاڙ پيدا ٿيڻ سبب گرمي پد/ٽمپريچر ۾ واڌارو ڪن ٿيون. گرميءَ جي اهڙي وڌندڙ پد کي اسان سائنسي لحاظ کان ”گرين هائوس افيڪٽ“ (Greenhouse Effect) سڏيون ٿا. اهو اسان ڏسي به رهيا آهيون ته ڪيترن سالن کان موسمون گهٽيون مٽجي ويون آهن. گرمي ۾ واڌ جو اثر نه رڳو بيٺل فصلن ته جبلن وغيره جي ڄميل برف تي به پوي ٿو. دونهين جو اڻ سڙيل مادو جڏهن وڻن جي پنن تي پوي ٿو ته اهڙن پنن جي ساهه کڻڻ ۽ ڪاڌي ٺاهڻ جي عمل کي متاثر ڪري ڇڏي ٿو، جنهن سبب پنن ۾ ڪاڌي ٺاهڻ جو عمل ’فوٽو سينٿيسس‘ بند ٿي وڃي ٿو ۽ انهن جي واڌ ۽ غذائيت حاصل ڪرڻ تي ابتو اثر پوي ٿو.

ڪارخانن جو خارج ٿيندڙ ڪنو پاڻي غليظ ڪيميائي مادن سان ڀريل ٿئي ٿو. اهو جڏهن درياءَ جي پاڻيءَ ۾ پوي ٿو ته ان جي اصليت، تيزابيت ۽ ذائقو متاثر ڪري ڇڏي ٿو. انهن ڳالهين سبب پاڻيءَ جي آڪسيجن گهٽجي وڃي ٿي، منجهس موجود زهريلا مادا نه رڳو تازي پاڻيءَ ته ساموندي مڇيءَ ۽ ٻين ڪيترن آبي جيوت لاءِ موت جو ڪارڻ بڻجن ٿا. ڪارخانن جي غلاظتن اهو مسئلو انتهائي گنڀير ڪري ڇڏيو آهي. پاڻيءَ جي غلاظت هاڻ، رڳو دريائن ۽ سمنڊن تائين محدود نه رهي آهي پر اسانجي ملڪ جون ڪيتريون ڍنڍون ۽ ڍورا به گهڻا متاثر ٿي چڪا آهن.

هاڻ ته فصلن تي ڪيترن قسمن جي جيت مار (Insecticide) ۽ پيسٽ مار (Pesticide) دوائن جو عام استعمال ٿي رهيو آهي. برسات پوڻ سان پنن تان اهي زهريليون دوائون ۽ زمين ۾ مڪمل طرح سان ڳري نه سگهندڙ ڪيميائي ڀاڻ، پاڻيءَ سان وهي دريائن ۽ واهن جي پاڻيءَ سان ملي گوناگوجيوت لاءِ هاجيڪار ۽ اِڪوسسٽمن (Ecosystems) لاءِ سخت تباهه ڪن ثابت ٿين ٿا.

متي بيان ڪيل صورتحال مان ظاهر ٿئي ٿو ته، نه رڳو ماحول زبردست طرح سان متاثر ٿي رهيو آهي ته ساڳئي وقت انساني زندگي به ڏوجهرن ۾ پئجي رهي آهي. مشهور چوٽي آهي: انسان هن ڌرتيءَ تي سڀ کان آخر ۾ اچي آباد ٿيو ته هتان ڪوچ به سيني کان اڳ۾ ڪندو. هوا، پاڻي ۽ زرعي جنسون زندگيءَ جا ضروري وکر آهن. پاڪستان، خاص طور تي اترين جابلو علائقن جي گوناگوجيوت ۾ ڏينهون ڏينهن ايتري تيزي سان تباهي ٿي رهي آهي جو ان ڏانهن وقتائتي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. جو اهو اسانجي ايندڙ نسل يعني ٻارڙن جي بقا ۽ مستقبل جو مسئلو آهي.

مختصراً، انسان وڪ وڪ تي ڪائناتي توازن درهم برهم ڪري رهيو آهي. انسان جنهن کي 'احسن تقويم' جي لقب سان سڏيو ويو آهي اڄ ان لقب جي نه رڳو ابتڙ، ظالمانه ڪم ڪري پنهنجو پاڻ کي ته ڪائنات کي به تباهه ڪرڻ جو سندرو ٻڌي بيٺو آهي. اڃا به وقت ويو ناهي، جيڪڏهن هو پنهنجن ڪرتوتن کان باز اچي ته هن ڌرتيءَ کي پنهنجي ۽ ٻين لاءِ هڪ بهتر جاءِ بڻائي سگهي ٿو.

ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته، ماحول ۽ انساني لاڳاپن جو قرآن پاڪ جي حڪمن ۽ رسول ڪريم ﷺ جن جي ڏنل تعليم جي روشني ۾ جائزو ورتو وڃي. الله تعاليٰ انسان کي جن نوازشن ۽ نعمتن سان نوازيو آهي، هو انهن جو تحفظ ڪري ۽ انهن جي توازن ۽ اعتدال کي نقصان پهچائڻ ڪانسواءِ پنهنجي ۽ پنهنجي ايندڙ نسل لاءِ انهن کي ڪارائتي بنائڻ جي ڪوشش ڪري. اهل اسلام تي ان حوالي سان خاص ذميواري لاڳو ٿئي ٿي. ڇو ته، اهي حڪم ۽ اها تعليم سندس مقدس دين جو حصو آهن.

## باب ٻيون

# پاڻي ۽ ان سان لاڳاپيل مامرا

پاڻي، الله تعاليٰ جي اَملهه نعمتن مان هڪ آهي. پاڻيءَ مان ئي زندگيءَ جنم ورتو آهي ۽ ان کانسواءِ زندگي جو وجود برقرار نٿو رهي سگهي. سمورا ساهوارا، نباتات ۽ خود انسانذات جي زندگي جو دارومدار پاڻي تي آهي. ايستائين جو ڌرتي جي سوکهڙي سبب ڌرتي به ٽوٽ ٿي وڃي ٿي. حياتياتي سرشتن ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻ کانسواءِ پاڻي مينهن جي صورت ۾ فضا ۽ زمين ٻنهي کي گند ڪچري کان صاف ڪري ٿو. ان پاڻيءَ مان زمين زرخيز ٿئي ٿي، ڪارخانا هلن ٿا ۽ بجلي پيدا ٿئي ٿي.

الله تعاليٰ زندگيءَ جي سرشتي کي هميشه روان دوان رکڻ لاءِ، هوا ۽ ڌرتيءَ جي گولي تي پاڻيءَ جي مناسب ورڇ ۽ مسلسل پهچ جو هڪ نهايت عمدو نظام جوڙيو آهي. جَر جو پاڻي مختلف قسمن جي ٻوٽن جي پاڙن رستي جزب ٿي انهن جي پنن تائين پهچي ٿو. ٻوٽن جي واڌ ويجهه کان واڌو پاڻي پنن جي مٿاڇرن تان هوا ۾ بخار ٿي وڃي ٿو. سامونڊي مٿاڇرن، ڍنڍن ۽ پاڻي جي ٻين ذخيرن تان به پاڻي جو هڪ جهجهو مقدار بخار جي صورت ۾ فضا ۾ شامل ٿي وڃي ٿو. فضا ۾ موجود آبي بخار، ڪڪرن جي شڪل وٺي وسن ٿا. گهلندڙ تيز هوائون انهن ڪڪرن کي ڌرتيءَ جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائي ڇڏين ٿيون ۽ پوءِ خدا جي حڪم سان اهي ڪڪر، مينهن بڻجي وسڻ جا ويس ڪن ٿا.

جن علائقن ۾ ٻيلن ۽ وڻن ٽڻن جي گهڻتائي هجي ٿي، اتان مينهن جو پاڻي زمين جي مٿاڇري تان زرخيز مٽي تيزيءَ سان وهائيندو واهن ۽ شاخن مان ٿيندو

دريائن ۾ وڃي پوي ٿو. تيزيءَ سان وهندڙ پاڻي، جَر ۾ تہ واڏارو نہ ٿو ڪري رهندو ٻوڏ جي صورت وٺي ٿو. ٻوڏ جو پاڻي زمين جي ڪاڏ ڪندو ۽ مٽي وهائيندي وڃڻ جو ڪارڻ بڻجي ٿو تہ ان جي زد ۾ ايندڙ هر شئي کي پڄندو پوريندو تباهي ۽ بربادي پيدا ڪري ٿو. برساتن ۾ ٻوڏن پڇاڻا واهہ ۽ شاخون خشڪ ٿي وڃن ٿيون جنهن سبب ماڻهو پيئڻ جي پاڻيءَ ڏڪ لاءِ بہ واجهائيندا رهن ٿا. گذريل ڪن سالن کان پاڪستان اهڙيءَ صورتحال کي منهن ڏئي رهيو آهي.

جن علائقن ۾ ٻيلا ۽ وڻ ٽڻ جام ٿين ٿا اتي نہ رڳو برساتون جام پون ٿيون تہ ٻوٽا پنهنجن پنن، ٽارين ۽ ٿڙن رستي برسات جي طاقتور ڦڙين جو زور بہ گهٽائي ڇڏين ٿا. ٿڙن رستي پاڻي پاڙن مان ٿيندو زمين تائين رسي ٿو. زمين جي مٿاڇري تي رهجي ويل پاڻي وڻن ٽڻن جي روڪ سبب آهستي آهستي وهندو، زمين جي چيرن ۾ ڦاٽن رستي جذب ٿي جَر جي پاڻيءَ ۾ اضافو ڪري ٿو. اجا بہ بچي ويل پاڻي واهن ۽ دريائن جو رخ ڪري ٿو ۽ نہ ڪي ٻوڏ جي صورت وٺي ٿو. جيڪڏهن غيرمعمولي طور تي گهٽيون برساتون پون تڏهن بہ گهاٽن وڻن وارن علائقن ۾ ٻوڏ سبب ٿيندڙ تباهيون باقي علائقن جي ڀيٽ ۾ تمام گهٽ ٿين ٿيون. اهڙا زميني علائقا جتي ٻيلا جام ٿين ٿا اتي خشڪ موسم ۾ بہ جَر جو پاڻي چشمن جي صورت ۾ وهي ۽ حياتياتي سرشتي کي قائم دائم رکي ٿو. اهڙن علائقن جا درياءَ ۽ واهہ سالن جا سال وهندا رهن ٿا تہ انهن جي ڪنڌين سان آباد وسنديون بہ فائدا حاصل ڪنديون رهن ٿيون.

قدرتي پاڻي پهچائڻ جو اهو لامحدود سلسلو ازل کان هلندڙ آهي ۽ تيستائين هلندو رهندو، جيستائين انساني هٿ ان جو انت نٿا آڻين. ڪو دور هو جڏهن زمين تي پاڻي جهجهي مقدار ۾ هوندو هو، صاف ۽ مٺن چشمن جي گهڻائي هئي ۽ ندين ۽ درياهن جو وهندڙ پاڻي آب حيات کان گهٽ نہ هو. پر انساني آباديءَ ۾ ٿيندڙ بي حساب واڌ پاڻي جي ذخيرن جو بي رحميءَ سان استعمال ڪيو. آبپاشيءَ جو ناقص نظام، ٻيلن جي بيدرديءَ سان واڍي، جَر جي ذخيرن جي ٿيندڙ گهٽتائي ۽ زمين جي مٿاڇري تي موجود پاڻيءَ جي غلاظت سبب استعمال جوڳي پاڻيءَ جي ڪوٽ اسانکي هڪ اهڙي بہ واٽي تي اچي

بيهاريو آهي جو ڏسڻ لاءِ تہ تمام گهڻو پاڻي موجود آهي پر پيئڻ ۽ پوک لاءِ تمام گهٽ!

مٿي ذکر ڪيل حقيقتن جي روشني ۾ اسان سيني تي فرض ٿئي ٿو تہ قدرت جي ان عظيم نعمت جو وڏي احتياط سان استعمال ڪريون ۽ ان کي اجايو زيان ڪرڻ کان پاسو ڪريون. هيٺ ان سلسلي ۾ اسلامي سکيا جو مختصراً ذکر ڪجي ٿو جنهن تي عمل ڪرڻ سان پاڻيءَ جهڙي بنيادي نعمت جو ڪارائتو استعمال ممڪن بڻائي سگهجي ٿو.

## پاڻي ۽ اسلامي تعليم

پاڻي، قدرت جو هڪ انمول تحفو آهي. جنهن جي اهميت ۽ افاديت جو اندازو هن ڳالھ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ الله تعاليٰ هر ساهدار کي پاڻيءَ مان پيدا ڪيو ۽ ان تي ئي سندس زندگيءَ جو دارومدار رکيو آهي. ارشاد باري تعاليٰ آهي:

وَجَعَلۡنَا مِنَ الۡمَآءِ كُلَّ شَيۡءٍ حَيٍّ ؕ (الانبياء: ٣٠)

”۽ اسان پاڻيءَ تي هر شئي کي زنده رکيو آهي.“ هڪ ٻئي هنڌ ارشاد آهي:

وَاللّٰهُ خَلَقَ كُلَّ دَآبَّةٍ مِّنۡ مَّآءٍ ۚ (النور: ۴۵)

”۽ الله تعاليٰ ڌرتيءَ جي مٿاڇري تي هلندڙ هر شئي کي پاڻيءَ مان پيدا ڪيو.“

انساني صحت ۽ صفائي، صنعتن ۽ فصلن لاءِ پاڻي کي پاڪ صاف ۽ گند ڪچري کان محفوظ رکڻ ضروري آهي. وضو ڪرڻ، وهنجڻ ۽ جسم صاف ڪرڻ لاءِ پاڪ صاف پاڻيءَ جو هجڻ لازمي آهي. ان سلسلي ۾ ارشاد آهي:

وَيُنَزِّلُ عَلَيۡكُمۡ مِّنَ السَّمَآءِ مَآءً لِّيُطَهِّرَكُمۡ بِهٖ (الانفال: ١١)

”۽ الله تعاليٰ اوهان تي آسمان مان مينهن وسائي ٿو تہ جيئن توهانکي پاڪ ڪري.“ وڌيڪ فرمايو ويو آهي:

إِنَّ فِي خَلْقِ السَّمٰوٰتِ وَالْأَرْضِ وَاخْتِلَافِ الَّيْلِ وَالنَّهَارِ وَالْفُلْكِ الَّتِي تَجْرِي فِي الْبَحْرِ بِمَا يَنْفَعُ النَّاسَ وَمَا أَنْزَلَ اللّٰهُ مِنَ السَّمَآءِ مِنْ مَّآءٍ فَأَحْيَا بِهِ الْأَرْضَ بَعْدَ مَوْتِهَا وَبَثَّ فِيْهَا مِنْ كُلِّ دَآبَّةٍ ۖ وَّتَصْرِيفِ الرِّيٰحِ وَالسَّحَابِ الْمُسَخَّرِ بَيْنَ السَّمَآءِ وَالْأَرْضِ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ ﴿١٦٤﴾ (البقره: ١٦٤)

”بيشڪ آسمانن ۽ زمينن جي بناوت ۾، رات ۽ ڏينهن جي هڪ ٻئي پٺيان اچڻ ۾، انهن ٻيڙن ۾ جيڪي انسان جي فائدي واريون شيون ڪنيون دريائن ۽ سمنڊن ۾ هلن ٿا، مينهن جي ان پاڻيءَ ۾ جنهن کي الله مٿان وسائي ٿو ۽ پوءِ ان رستي زمين کي زندگي بخشي ٿو ۽ ان نظام رستي هر قسم جي جاندار مخلوق پکيڙي ٿو ۽ هوائن جي گهلڻ ۾ ۽ انهن ڪڪرن ۾ جيڪي زمين ۽ آسمان وچ ۾ حڪم جا تابع ٿيل آهن، عقل ۽ ڏاهپ وارن لاءِ بي شمار نشانيون موجود آهن.“

## مٺي پاڻيءَ جا قسم

مٺي پاڻيءَ جا ٽي قسم آهن:

1.فضا (هوا) جو پاڻي. 2. زمين جي مٿاڇري وارو ۽ 3. جر جو پاڻي.

**فضا جو پاڻي** آسمان مان نازل ٿيندڙ برسات، برف ۽ ڳڙي جي صورت ۾ بلڪل صاف پاڻي ٿئي ٿو. ڇو ته اهو قدرتي طور تي صاف ڪيل ٿئي ٿو. ارشاد آهي:

وَأَنْزَلْنَا مِنَ السَّمَآءِ مَآءً طَهُوْرًا (الفرقان: ٤٨)

”۽ اسان آسمان مان پاڪ پاڻي وسايو“.

جڏهن ته اهو پاڻي فضا مان وسندي هوا ۾ موجود دونهين، دز، گئسن ۽ گندگي سبب ٿورو ڪنو ٿي وڃي ٿو.

**مٿاڇري واري پاڻيءَ** مان مراد زمين جي مٿاڇري تي موجود پاڻي جي آهي. اهو ٻن قسمن جو آهي. هڪڙو وهندڙ جهڙوڪ ندين ۽ واهن جو ۽ ٻيو بيٺل جيڪو ڍنڍن ۽ تلائن جو آهي. وهندڙ پاڻي پاڻ سان گڏ مختلف قسمن جون شيون ۽ مواد جهڙوڪ: نباتات، جانورن جي ڪرفتي/غلاظت، مٽي ۽

معدنيات جا ذرڙا ۽ جيوڙا وهائيندو رهي ٿو، ان سبب اهو پاڻي ڪنو ٿي وڃي ٿو. قرآن ڪريم ۾ ذڪر آهي:

اَنۡزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَسَالَتۡ اَوۡدِيَةٌۢ بِقَدَرِهَا فَاحۡتَمَلَ السَّيۡلُ زَبَدًا رَّابِيًا (الرعد: ١٧)

”الله تعاليٰ آسمان مان پاڻي وسايو ۽ هر ندي ۽ واهه پنهنجي وت آهر اهو وهائيندو هليو ۽ پوءِ جڏهن ٻوڏ آئي ته مٿاڇري تي جهڳ به تري آئي.“

بيٺل پاڻي به وقت سان گڏ ڪنو ٿي وڃي ٿو پر جي قدرتي نظام متوازن رهي ته پاڻي هيٺين طريقن سان پنهنجو پاڻ صاف ٿيندو رهي ٿو:

(i) جڏهن پاڻيءَ ۾ موجود نهريون شيون ۽ ترندڙ جسم تري ۾ ويهجي وڃن، ائين خاص طور تي تڏهن ٿئي ٿو جڏهن پاڻي ڍگهو سفر ڪندو هجي.

(ii) پاڻي تي لڳندڙ اس ۽ گهلندڙ هوا سبب پاڻيءَ جي مٿاڇري وارا جيوڙا ناس ٿي وڃن ٿا.

(iii) آبي جانور ۽ ٻوٽا جيڪي گندگي چوسي منجهانئس پنهنجو کاڌو حاصل ڪن ٿا. جهڙوڪ: بدڪ، آڙي، مڇي ۽ سينور وغيره.

(iv) اهڙي پاڻيءَ ۾ نئين پاڻيءَ جو شامل ٿيندو رهڻ.

**جَر جو پاڻي** سڏجي ٿو اهڙي پاڻيءَ کي جيڪو زمين رستي جذب ٿي وڃي ٿو.

اهڙو پاڻي جذب ٿي زمين جي اونهائيءَ ۾ تيستائين وهندو رهي ٿو جيستائين ان جي وهڪ ۾ روڪ نه پيدا ٿئي (جهڙوڪ پٿر يا چيڙهالي گپ) تڏهن ان جي مٿان گڏ ٿي وڃي ٿو. اهڙو پاڻي گهرو ٿئي ٿو. ورلي، اهڙو پاڻي ويجهي هنڌ تان ڪنهن قوت يا چير مان چشمي يا کوهه جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿو يا زمين جو پهريون تهه ٽپي ٻئي اهڙي تهه ۾ ڦاسي پوي ٿو جتان وهڻ جي واهه نه ملڻ سبب اتي گڏ ٿيندو رهي ٿو. اهڙو پاڻي گهرو يا جَر جو ٿئي ٿو. جيئن ته اهڙو پاڻي مٽيءَ جي سوراخن مان سمندو وڃي ٿو تنهنڪري صاف ٿئي ٿو. اڳتي هلي اهڙو پاڻي ٻنهي تهن مان يا ته چشمي جي صورت ۾ ٻڙڪي نڪري ٿو يا

انساني هٿ ان پاڻيءَ کي کوهن ۽ ٽيوب ويلن جي روپ ۾ ڪيندا رهن ٿا. قرآن مجيد ۾ آهي:

وَ اَنْزَلْنَا مِنَ السَّمَآءِ مَآءًۢ بِقَدَرٍ فَاَسْكَنّٰهُ فِي الْاَرْضِ (المومنون: ١٨)

”۽ اسان آسمان مان پوري پوري حساب سان هڪ خاص مقدار ۾ پاڻي وسايو ۽ ان کي زمين تي ٽانيڪو ڪيو.“

اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَسَلَكَهٗ يَنَابِيْعَ فِي الْاَرْضِ (الزمر: ٢١)

ڇا توهان نہ ٿا ڏسو تہ الله آسمان مان پاڻي وسايو ۽ پوءِ ان کي ذخيرن، ترائين ۽ چشمن ۽ دريائن جي صورت ۾ زمين اندر وهايو.“ هڪ ٻئي هنڌ فرمايل آهي:

وَاِنَّ مِنَ الْحِجَارَةِ لَمَا يَتَفَجَّرُ مِنْهُ الْاَنْهٰرُ وَاِنَّ مِنْهَا لَمَا يَشَّقَّقُ فَيَخْرُجُ مِنْهُ الْمَآءُ (البقره: 74)

” ڪي پهڻ اهڙا بہ ٿين ٿا جن مان نهرون وهي نڪرن ٿيون تہ ڪي اهڙا جيڪي ڦاٽي پون ٿا ۽ منجهائن پاڻي وهي پوي ٿو.“

مطلب تہ زندگيءَ جون رنگينيون ۽ دلڪشيون پاڻيءَ جي ڪري آهن. ارشاد آهي:

هُوَ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً لَّكُمْ مِّنْهُ شَرَابٌ وَّمِنْهُ شَجَرٌ فِيْهِ تُسِيْمُوْنَ ﴿١٠﴾ يُنْۢبِتُ لَكُمْ بِهِ الزَّرْعَ وَالزَّيْتُوْنَ وَالنَّخِيْلَ وَالْاَعْنَابَ وَمِنْ كُلِّ الثَّمَرٰتِ ۭ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ يَّتَفَكَّرُوْنَ ﴿١١﴾ وَ سَخَّرَ لَكُمُ الَّيْلَ وَالنَّهَارَ ۙ وَ الشَّمْسَ وَالْقَمَرَ ۭ وَالنُّجُوْمُ مُسَخَّرٰتٌۢ بِاَمْرِهٖ ۭ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيٰتٍ لِّقَوْمٍ يَّعْقِلُوْنَ ﴿١٢﴾ وَمَا ذَرَاَ لَكُمْ فِي الْاَرْضِ مُخْتَلِفًا اَلْوَانُهٗ ۭ اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَاٰيَةً لِّقَوْمٍ يَّذَّكَّرُوْنَ ﴿١٣﴾ وَهُوَ الَّذِيْ سَخَّرَ الْبَحْرَ لِتَاْكُلُوْا مِنْهُ لَحْمًا طَرِيًّا وَّ تَسْتَخْرِجُوْا مِنْهُ حِلْيَةً تَلْبَسُوْنَهَا ۚ وَتَرَى الْفُلْكَ مَوَاخِرَ فِيْهِ وَلِتَبْتَغُوْا مِنْ فَضْلِهٖ وَلَعَلَّكُمْ تَشْكُرُوْنَ ﴿١٤﴾

(النحل: ١٠، ١٤)

” اهو الله آهي جنهن توهان لاءِ آسمان مان پاڻي وسايو جنهن مان ڪجھ توهانجي پيئڻ لاءِ آهي تہ ڪجھ مان وڻ ڦٽن ٿا جن ۾ توهان پنهنجا جانور چاريو ٿا. (انهيءَ پاڻيءَ مان الله) توهان لاءِ کيت ۽ زيتون ۽ کارڪون ۽ انگور ۽ هر قسم جو ميوو پيدا ڪري ٿو. جيڪي ماڻهو سوچين ٿا تن لاءِ ان ۾ نشاني آهي ۽ اهو الله ئي آهي جنهن رات ۽ ڏينهن ۽ سج ۽ چنڊ کي توهانجي ڪم ۾ لڳايو ۽ تارا بہ سندس حڪم جا تابعدار آهن، بيشڪ جيڪي عقل وارا آهن تن لاءِ انهن

شين ۾ (الله جي قدرت جون) نشانيون آهن. ۽ مختلف رنگن جون جيڪي شيون هن توهان لاءِ زمين ۾ پيدا ڪيون آهن تن ۾ به غور ڪندڙن لاءِ نشاني آهي ۽ ان الله سمنڊ کي به توهانجي ڪم ۾ لڳائي ڇڏيو ته جيئن توهان ان مان شڪار ڪري تازو گوشت کائو ۽ منجهانئس زيور ڪڍي پايو ۽ تون ڏسين ٿو ته منجهس ٻيڙيون (پاڻيءَ کي) چيرينديون هلن ٿيون (ته جيئن ان ذريعي) توهان خدا جو فضل تلاش ڪريو. ۽ ان لاءِ ته توهان (سندس نعمتن جو) شڪر ادا ڪريو.“

## پاڻي: ڪجھ حقيقتون ۽ فضيلتون

اها سڀني کي خبر آهي ته پاڻيءَ تي انسان ۽ ٻين ساهوارن جي زندگيءَ جو مدار آهي. انهن جي نسل جي بقا ۽ پسنديده ڪاڻن جي موجودگي، پاڻيءَ کانسواءِ ممڪن ناهي. صاف پاڻيءَ سان ئي انسان پنهنجي جسم ۽ اوسي پاسي کي صاف سٿرو رکي سگهي ٿو. اهو الله تعاليٰ جو هڪ اهڙو تحفو آهي جيڪو مٺان مينهن ۽ هيٺان چشمن ۽ دريائن جي صورت ۾ موجود آهي. اهو جيئن ته سڀني مخلوق جي زندگيءَ جو هڪ تمام اهم عنصر آهي، تنهنڪري دين اسلام ۾ ان جي مناسب استعمال، حفاظت ۽ پاڪ صاف رکڻ لاءِ ڪي اهم اصول مقرر ڪيل آهن ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جو گهڻو تاڪيد ڪيو ويو آهي. هيٺ ڏنل قرآني آيتن ۽ نبي ڪريم ﷺ جي حديثن مان اهڙين حقيقتن ۽ فضيلتن کي سمجهڻ لاءِ ڀرپور ڄاڻ حاصل ڪري سگهجي ٿي.

**1. الله تعاليٰ آسمان مان جيڪو پاڻي وسائي ٿو اهو پاڪ، صاف، پيئڻ لائق، ۽ پاڪائي ۽ صفائي قائم رکڻ لائق آهي.**

وَ اَنۡزَلۡنَا مِنَ السَّمَآءِ مَآءً طَهُوۡرًا ﴿۴۸﴾ لِّنُحۡیِ َۧ بِهٖ بَلۡدَةً مَّیۡتًا وَّ نُسۡقِیَهٗ مِمَّا خَلَقۡنَاۤ اَنۡعَامًا وَّ اَنَاسِیَّ كَثِیۡرًا ﴿۴۹﴾ (الفرقان: ۴۸،۴۹)

”۽ اسان آسمان مان پاڪ ڪندڙ پاڻي وسايو ته جيئن ان رستي اسان مري ويل وسندي کي زنده ڪريون ۽ پنهنجيءَ خلق مان گهڻن جانورن ۽ ماڻهن کي پياريون.“

مِّنَ السَّمَآءِ مَآءً لِّیُطَهِّرَكُمۡ بِهٖ (الانفال: ۱۱)

”۽ الله تعاليٰ توهان تي آسمان مان پاڻي وسائي ٿو ته جيئن توهانکي ان سان پاڪ ڪري ڇڏي.“

**2. الله تعاليٰ پيئڻ جو صاف پاڻي مهيا ڪيو. ان لاءِ سندس شڪر گذار ٿجي.**

أَفَرَءَيْتُمُ الْمَآءَ الَّذِى تَشْرَبُونَ ﴿٦٨﴾ ءَأَنتُمْ أَنزَلْتُمُوهُ مِنَ الْمُزْنِ أَمْ نَحْنُ الْمُنزِلُونَ ﴿٦٩﴾

لَوْ نَشَآءُ جَعَلْنَٰهُ أُجَاجًا فَلَوْلَا تَشْكُرُونَ ﴿٧٠﴾ (الواقعه: ٦٨،٧٠)

”ڀلا ڏسو تہ سهي جيڪو پاڻي توهان پيئو ٿا ڇا اهو توهان ڪڪر مان لاٿو يا اسان! اسان چاهيون ها تہ ان کي اهڙو ٻاڙو ڪري ڇڏيون ها جو اهو چکي بہ نہ سگهجي ها تہ پوءِ سندس شڪر ڇو نہ ٿا ڪريو.“

**3. سمورا صحت بخش کاڌا پاڻيءَ جي مهابي آهن.**

وَهُوَ الَّذِى سَخَّرَ الْبَحْرَ لِتَأْكُلُوا مِنْهُ لَحْمًا طَرِيًّا ۔ (النحل: ١٤)

” ۽ اهو ئي آهي، جنهن توهان لاءِ سمنڊ کي تابع ڪري ڇڏيو آهي تہ جيئن توهان ان مان تازو گوشت کائو.“

يُنۢبِتُ لَكُم بِهِ الزَّرْعَ وَالزَّيْتُونَ وَالنَّخِيلَ وَالْأَعْنَٰبَ وَمِن كُلِّ الثَّمَرَٰتِ ۔ (النحل: ١١)

”هو (ان پاڻيءَ رستي) توهان لاءِ فصل اپائي ٿو ۽ زيتون ۽ کارڪون ۽ ان قسم جو ٻيو ميوو پيدا ڪري ٿو.“

**4. مسلمانن جي لاءِ پاڻي زيان ڪرڻ جائز ناهي.**

وَّكُلُوا وَاشْرَبُوا وَلَا تُسْرِفُوا ۚ إِنَّهُۥ لَا يُحِبُّ الْمُسْرِفِينَ ۔ (الاعراف: ٣١)

”۽ کائو پيئو ۽ حد نہ اورانگهيو. الله تعاليٰ زيان ڪندڙن کي پسند نہ ٿو ڪري.“

رسول اڪرم ﷺ جن وضو ڪرڻ ۾ بہ پاڻيءَ جي غير ضروري استعمال جي حوصلہ شڪني ڪئي آهي. پاڻ ﷺ جن هڪ شخص کي وضو دوران گهڻو پاڻي استعمال ڪندي ڏٺو تہ ان کي فرمايو: (لاتسرف، لاتسرف) يعني ضرورت کان وڌيڪ پاڻي استعمال نہ ڪر. هڪ ٻيءَ حديث ۾ پاڻ فرمائن ٿا تہ وهندڙ واهہ جي ڪناري سان بہ وضو ڪرڻ لاءِ پاڻيءَ جو غير ضروري استعمال نہ ڪجي.

5. مسلمانن لاءِ پاڻي کي ڪنو ڪرڻ جائز ناهي تنهنڪري اهي منجهس نہ تہ پيشاب ڪن ۽ نہ پائخانہ. جيڪڏهن بيٺل پاڻي هجي تہ ان ۾ وهنجڻ بہ نہ گهرجين.

رسول الله ﷺ فرمايو:

(لَا يَبُولَنَّ اَحَدُكُمْ فِيْ الْمَاءِ الدَّائِمِ الَّذِىْ لَا يَجْرِىْ ثُمَّ يَغْتَسِلُ فِيْهِ

(صحيح بخارى ٢٣٩: كتاب الوضوء (٤) باب الماء الدائم (٦٩))

”تون ان بيٺل پاڻي ۾ جيڪو وهي نہ ٿو، پيشاب نہ ڪر جو پوءِ توکي ان ۾ وهنجڻو نہ پوي.“ پاڻ وڌيڪ فرمايائون:

لَا يَبُوْلَنَّ أَحَدُكُمْ فِيْ الْمَاءِ الدَّائِمِ ثُمَّ يَغْتَسِلُ مِنْهُ

(صحيح مسلم (٢٨٢): كتاب الطهارة (٢) باب النهى عن البول فى الماء الراكد (٢٨)

”توهان مان ڪو بہ هرگز بيٺل پاڻي ۾ پيشاب نہ ڪري“ ۽ فرمايائون:

اِتَّقُوْا الْمَلَا عِنَ الثَّلَاثَةَ: الْبَرَازَ فِيْ الْمَوَارِدِ، وَقَارِعَةِ الْطَّرِيْقِ، وَالظِّلَّ

(سنن ابن داؤد (٢٦): كتاب الطهارت (١) باب المواضع التى نهى النبى ﷺ عن البول فيها (١٤)

”ٽن لعنت جهڙن ڪمن: پاڻي جي گهاٽ، رستي جي وچ ۽ ڇانوري واري هنڌ تي حاجت ڪرڻ کان بچو.“

6. مسلمانن تي فرض آهي تہ اهي پاڻي کي اهڙن موذي جيتن ۽ جيوڙن کان محفوظ رکن، جيڪي بيمارين ڦهلائڻ جو سبب بڻجن ٿا.

أَمَرَنَا النَّبِيُّ ﷺ اَنْ نُوْكِيَ أَسْقِيَتَنَا وَ نُغَطِّيَ آنِيَتَنَا

(سنن ابن ماجه (٣٦٠) كتاب الطهارة (١) باب تغطية الاناء (٣٠)

”۽ رسول الله ﷺ جن حڪم ڏنو هو تہ اسان پنهنجن پکالن جا منهن بند ۽ پنهنجا ٿانو ڍڪي رکون“.

”كُنْتُ أَصْنَعُ لِرَسُوْلِ اللهِ ﷺ ثَلَاثَةَ آنِيَةٍ مِنَ اللَّيْلِ مُخَمَّرَةً: اِنَاءً لِطُهُوْرِهِ وَاِنَاءً لِسِوَاكِهِ، وَاِنَاءً لِشَرَابِهِ (سنن ابن ماجه (٣٦١): كتاب الطهارة (١) باب تغطية الاناء (٣٠)

ام المومنين حضرت عائشہ فرمائين ٿيون:

مان رات ٽيڻ ٽي رسول الله ﷺ جا ٽي ٿانو ڍڪي رکندي هيس: اهو ٿانو جنهن مان پاڻ ﷺ طهارت فرمائيندا هئا، جنهن مان پاڻ ﷺ ڏندڻ ڏيندا هئا ۽ اهو جنهن مان پاڻ ﷺ پاڻي پيئندا هئا.

**7. الله جي نبيءَ ﷺ جو سڀ کان وڌيڪ پسنديده مشروب ٿڌو ۽ مٺو پاڻي هو**

**كَانَ اَحَبُّ الشَّرَابِ اِلٰى رَسُوْلِ اللّٰهِ ﷺ اَلْحُلْوَ الْبَارِدَ** (ترمذی (١٨٩٥): كتاب الاشربة (٢٧) باب ماجاء أى الشراب كان أحب الى رسول اللّٰهِ (٢١)

”ٿڌو ۽ مٺو پاڻي رسول الله ﷺ جو سڀ کان پيارو مشروب هو.“

**8. اسلامي تعليم مطابق گندين ۽ غليظ شيون ڇهڻ کانپوءِ، ڪاڌي کائڻ کان اڳ ۽ ان کانپوءِ ٻئي هٿ صاف پاڻيءَ سان ملي صاف ڪجن.**

انهيءَ ڪانسواءِ نماز لاءِ وضو ڪرڻ ۽ مٽي ميرائي لاهڻ لاءِ به صاف پاڻي جو استعمال ضروري آهي.

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اِذَا قُمْتُمْ اِلَى الصَّلٰوةِ فَاغْسِلُوْا وُجُوْهَكُمْ وَاَيْدِيَكُمْ اِلَى الْمَرَافِقِ وَامْسَحُوْا بِرُءُوْسِكُمْ وَاَرْجُلَكُمْ اِلَى الْكَعْبَيْنِ ۭ وَاِنْ كُنْتُمْ جُنُبًا فَاطَّهَّرُوْا

(المائده: ٦)

”مسلمانو! جڏهن توهان نماز پڙهڻ چاهيو (۽ بي وضوهجو) ته (صاف پاڻيءَ سان) پنهنجو منهن، ٺونين تائين هٿ ڌوئو ۽ پنهنجي مٿي ڪي مسح ڪريو ۽ ٻئي پير مُرن تائين ڌوئو ۽ جيڪڏهن وهنجڻ جي ضرورت هجي ته سٺيءَ طرح سان پاڪ ٿيو.“

الله جي رسول ڪريم ﷺ فرمايو:

**اِذَا نَامَ اَحَدُكُمْ وَفِي يَدِهِ رِيحُ غَمَرٍ، فَلَمْ يَغْسِلْ يَدَهُ، فَاَصَابَهُ شَيْءٌ، فَلَا يَلُوْمَنَّ اِلَّا نَفْسَهُ**

(سنن ابن ماجه (٣٢٩٦): كتاب الأطعمة (٢٩) باب من بات و فى يده ريح غمر (٢٢)

”جيڪو ماڻهو پنهنجن هٿن ۾ سٽيپ جي بوءِ سان سمهي پيو، پوءِ جيڪڏهن ڪيس ڪجهه ٿيو تہ هو رڳو پنهنجو پاڻکي ملامت ڪري“.

جڏهن نبي ڪريم ﷺ جن ڪاڌو ڪائڻ چاهيندا هئا تہ پنهنجا ٻئي هٿ ڌوئيندا هئا. (نسائيءَ حضرت عائشہ رضہ ڪان روايت ڪئي آهي).

نبي ڪريم ﷺ جن ٻڪري جو گوشت ڪائڻ ڪانپوءِ ڳرڙي ڪئي ۽ پنهنجن ٻنهي هٿن کي ڌوتو، پوءِ نماز پڙهي.

**عَنْ أبِیْ هُرَیْرَةَ رضہ، أنَّ رَسُوْلَ اللّٰهِ ﷺ: أكَلَ كَتِفَ شَاةٍ، فَمَضْمَضَ، وَغَسَلَ یَدَیْهِ وَصَلَّی“** (ابن ماجه، (٤٩٣): كتاب الطهارت (١) باب الرخصة فی الوضوء مما غیرت النار (٦٥)

ان سڀني بحث جو تت هيءُ آهي تہ، پاڻي ماحول جو هڪ انتهائي اهم عنصر آهي ۽ انسانن، حيوانن ۽ ٻوٽن جي زندگيءَ لاءِ ان جي گهرج ڪان انڪار ممڪن ناهي. اهو اسان تي قدرت جو احسان آهي تہ ان اسانکي ايڏيءَ وڏيءَ نعمت سان نوازيو آهي. اسان تي فرض آهي تہ ان نعمت جو اعتراف ڪريون ۽ قرآني ۽ نبوي تعليم مطابق ان جو سياڻپ سان استعمال ڪريون.

صاف پاڻي، انسانذات جي گڏيل ميراث آهي. اسان کي گهرجي تہ پاڻي جي وسيلن تي هڪٻئي جو حق ميڃون ۽ پاڻي جي وسيلن، ذخيرن ۽ استعمال ۾ هيٺين نقطن تي عمل ڪريون.

- جَر جي صاف پاڻيءَ جا ذخيرا ختم ٿيڻ ڪان بچايون ۽ ان ۾ هر ممڪن طريقي سان واڌارو ڪريون. اسان ڌرتيءَ تي گهٽي ڪان گهٽا وڻ ٽڻ پوکي پاڻي جي وهڪري کي روڪڻ جون تدبيرون ڪري انهن ذخيرن ۾ واڌ آڻي سگهون ٿا.
- آبپاشيءَ لاءِ معقول طريقا استعمال ڪريون تہ جيئن پاڻي ضايع ٿي نہ سگهي.

- ♦ ٻين گھرجن لاءِ پاڻي جي فضول استعمال کان بچون.
- ♦ پاڻي کي هر قسم جي گند ۽ غلاظت کان بچايون. صنعتي ڪارخانن جي غليظ پاڻيءَ کي درياهن ۾ وهائڻ، مڇي مارڻ لاءِ ڌماڪيدار ۽ زهريلن مادن جو استعمال ۽ گهرن جي گند ڪچري ۽ ڪني پاڻي کي درياهن ۾ وهائڻ جهڙا سمورا ڪم پاڻيءَ کي غليظ ڪن ٿا. اسان تي ديني فرض آهي ته پنهنجو پاڻ کي اهڙن غلط ڪمن کان بچايون.

## باب ٽيون

# ڌرتي ۽ ان سان لاڳاپيل مامرا

اهو مانُ رڳو ڌرتي کي حاصل آهي ته مٿس الله تعاليٰ جي سڀ کان افضل مخلوق يعني انسان آباد آهي. هن ڌرتيءَ جو رڳو 29 سيڪڙو يعني 144.8 ملين هم چورس ڪلوميٽر خشڪي آهي. جڏهن ته باقي 71 سيڪڙو ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ پاڻي ئي پاڻي آهي. [9] زمين جي 20 سيڪڙي ايراضيءَ تي ٻيلا جڏهن ته رڳو 10 سيڪڙو ايراضي پوکي راهي ڪرڻ لائق آهي. [8] ۽ باقي چراگاهه، رڻ پٽ ۽ دلدلي علائقو آهي.

پاڪستان جي ڪل پکيڙ 88 ملين هيڪٽر آهي. جنهن مان 53 سيڪڙو گاهه پني، 4.8 سيڪڙو ٻيلن، 2.2 سيڪڙو آباديون ۽ 25.8 سيڪڙو پوکيءَ جي لائق زمين آهي. جڏهن ته 14.7 سيڪڙو زمين بنجر پر زراعت جوڳي آهي. [4]

پاڪستاني زمين جو گهڻو حصو زرخيز آهي، جنهن مان ڪٽڪ، مڪئي ۽ چانورن جي بهترين پوک حاصل ڪئي وڃي ٿي ته ڪي هنڌ سبزين ۽ ميون جي ڪري مشهور آهن. مثال طور، پاڪستان جي انبن کي عالمي شهرت حاصل آهي. بدقسمتيءَ سان اسانجي زمين جو هڪ وسيع علائقو رڻ پٽ ۽ ريگستان آهي. ڪي برفاني علائقا پوکيءَ جي لائق ناهن، جڏهن ته ڪجهه سم ۽ ڪلر سبب خراب ٿيل آهن. اسان تي اسلامي فرض ٿئي ٿو ته جيڪو به زمين ٽڪرو ميسر آهي ان جو اوس درست ۽ لاڀائتو استعمال ڪريون.

## زمين ۽ اسلامي تعليم

الله تعاليٰ انسان ۽ ٻين ساهوارن جي بقا لاءِ زمين تي زندگيءَ جون سيئي ضروري شيون پيدا ڪري ڏنيون آهن. ڌرتي، اهو گرهه آهي جتي انسان نهايت مناسب ۽ موزون ماحول ۾ جيئرو رهي سگهي ٿو. انساني زندگي جي حقيقت سوره البقره جي هيٺ ڏنل آيت مان پروڙي سگهجي ٿي جنهن ۾ آدم عليہ السلام ۽ ان جي اولاد سان ڳالهائيندي فرمايو ويو آهي ته:

وَلَكُمْ فِي الْأَرْضِ مُسْتَقَرٌّ وَمَتَاعٌ إِلَىٰ حِينٍ۔ (البقره: ٣٦)

”۽ توهان لاءِ زمين ۾ وقت مقرر تائين ٽڪاڻو ۽ فائدا آهن“

زمين تي رهندڙ جاندارن ۾ انسان کي ان سبب انفراديت حاصل آهي جو کيس عقل ۽ شعور جهڙي نعمت سان مالامال ڪيو ويو آهي. اها هڪ اهڙي خاصيت آهي، جيڪا ٻي مخلوق کي عطا نه ڪئي ويئي آهي. ان خاصيت سبب انسان تي ”امانت جو بار“ به وڌو ويو ۽ کيس ”مڪلف“ يعني جوابده ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح الله تعاليٰ مهربان ٿيو ته هن انسان کي طاقت ڏني ۽ طاقت سان گڏ ان کي استعمال ڪرڻ جي هدايت به عطا ڪئي. اللهُ انسان کي علم ڏنو ۽ علم ڏيڻ لاءِ کيس پنهنجو ڪتاب ۽ حڪمت نازل ڪئي ۽ کيس اها تعليم ڏني ته هو ان علم ذريعي خرابين کان بچندي ان جي فائدن مان ڪيئن مستفيد ٿي سگهي ٿو. ان لاءِ کيس انهن حدن جي پابندي ڪرڻي پوندي جيڪي انسان ۽ انهن طاقتن جي خلقيندڙ مقرر ڪيون آهن.

## دين ڇا ٿو چوي؟

دين اسلام اهو انصاف ڀريو نظام آهي جيڪو انفرادي، اجتماعي، معاشي ۽ معاشرتي مطلب ته زندگيءَ جي هر پهلوءَ جي لحاظ کان انسان کي صحتمند ۽ ڪارائتو ڏسڻ گهري ٿو. ان مطابق ان جو هر مڃيندڙ زندگي جي سيني شعبن ۾ اعتدال جي اصولن جي پيروي ڪندو. پاڻ به صحتمند رهندو ته ماحول کي به خراب ۽ تباهه ٿيڻ کان بچائيندو. الله تعاليٰ اهڙي ممڪن صورتحال ڏانهن ڌيان ڇڪائيندي ته جڏهن انسان اعتدال ۽ توازن کان لاپرواهه

ٿيندي، ان ماحول جي استعمال ۾ غرق ٿي ويندو جيئن اڳڪلهه اسان ڏسي رهيا آهيون، فرمايو آهي:

وَلَوْ بَسَطَ اللّٰهُ الرِّزْقَ لِعِبَادِهٖ لَبَغَوْا فِي الْاَرْضِ ـ (الشوریٰ : ٢٧)

”جيڪڏهن الله تعاليٰ پنهنجن سڀني ٻانهن کي ڪشادو رزق ڏئي ها ته اهي زمين تي فساد جا طوفان برپا ڪن ها.“

جڏهن ته قوم صالح عليه السلام جي فسادين بابت سندن ارشاد آهي:

وَلَا تُطِيْعُوْٓا اَمْرَ الْمُسْرِفِيْنَ ﴿١٥١﴾ الَّذِيْنَ يُفْسِدُوْنَ فِي الْاَرْضِ وَلَا يُصْلِحُوْنَ ﴿١٥٢﴾ (الشعراء : ١٥١،١٥٢)

”۽ توهان اهڙن بي لغام ماڻهن جي اطاعت نه ڪريو جيڪي زمين تي فساد برپا ڪن ٿا ۽ اصلاح نه ٿا ڪن.“

وڌيڪ فرمايو:

وَلَوِ اتَّبَعَ الْحَقُّ اَهْوَآءَهُمْ لَفَسَدَتِ السَّمٰوٰتُ وَ الْاَرْضُ وَ مَنْ فِيْهِنَّ ـ (المومنون : ٧١)

”پر جي ڪڏهن حق سندس خواهشن جي پيروي ڪري ها ته زمين ۽ آسمان ۽ انهن جي آبادي جو سرشتو درهم برهم ٿي وڃي ها.“

انهي ڪري اصل مسئلو آسمان ۽ زمين جي وسيلن کي تابع ڪرڻ نه آهي جو اها آبادڪاريءَ جي ضروري گهرج آهي. جڏهن ته اصل مسئلو بي اعتداليءَ، سرڪشيءَ، ناجائز خرچ ۽ زيادتيءَ جو آهي. انهن سڀني هدايتن جو مطلب ۽ تت هي آهي ته، توازن جي پرواهه نه ڪندي زميني وسيلن جو اهڙو ڇڙواڳ استعمال جنهن سان ماحول جو نظام درهم برهم ٿي وڃي ۽ اهو انساني زندگيءَ لاءِ ڪارائتو نه رهي، حرام ۽ انجي منع ڪيل آهي.

الله تعاليٰ پنهنجي ڪتاب ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي ڌرتيءَ تي فساد ڪرڻ کان منع ڪئي آهي. (فساد جي حوالي سان ماحول جو بگاڙ سڀ کان اڳ ۾ ذهن ۾ اچي ٿو) .

الله تعاليٰ جو فرمان آهي:

i) كُلُوا وَاشْرَبُوا مِن رِّزْقِ اللَّهِ وَلَا تَعْثَوْا فِي الْأَرْضِ مُفْسِدِينَ۔ (البقره: 60)

”توهان الله جو ڏنل رزق کائو پيئو ۽ زمين تي فساد نہ ڪريو.“

ii) وَلَا تُفْسِدُوا فِي الْأَرْضِ بَعْدَ إِصْلَاحِهَا (الاعراف: 85)

”۽ توهان اصلاح ڪانپوءِ زمين تي فساد نہ پکيڙيو“

iii) وَلَا تَعْثَوْا فِي الْأَرْضِ مُفْسِدِينَ۔ (العنکبوت: 36)

”۽ توهان زمين تي مفسد تي ڏاڍايون نہ ڪندا رهو.“

iv) وَلَا تَبْغِ الْفَسَادَ فِي الْأَرْضِ (القصص: 77)

”۽ زمين تي فساد ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪر“

سڀ نبي سڳورا پنهنجي پنهنجي قوم ڪي زمين تي فساد ڦهلائڻ ڪان سدائين منع ڪندا رهيا آهن. الله تعاليٰ فساد جي ان قسم ڪي خاص طور تي ننديو آهي، جنهن ۾ ٻوٽا، جانور ۽ قدرتي وسيلا تباهہ ٿين ٿا. جيئن سورة البقرة جي آيت 204- 205 مان پڌرو ٿئي ٿو. انهن آيتن جو ذڪر ”موضوع جي تعارف“ ۾ ڪيو ويو آهي.

ڪنهن قاعدي ۽ قانون ڪانسواءِ زمين جي قدرتي وسيلن جو استعمال سڀ ڪان وڏو ظلم ۽ الله جي نعمت جي ناشڪري آهي. ڇو جو نعمت جي شڪر ڪرڻ جي هڪ ضروري تقاضا ان جي حفاظت ڪرڻ آهي.

## جبل

اسانجي زمين جي مٿاڇري جو چوٽون حصو سامونڊي سطح ڪان لڳ ڀڳ 900 ميٽر مٿاهون ۽ اهو گهٽي پاڳي جابلو آهي. پاڪستان ۾ جبلن جو هڪ ڊگهو ۽ وسيع سلسلو آهي. جنهن ۾ دنيا جي جبلن جون بلند ترين چوٽيون بہ آهن. پاڪستان جي مشهور جابلو سلسلن ۾ هندوڪش، قراقرم ۽ هماليہ شامل آهن. دنيا جي 16 سڀ ڪان بلند جابلو چوٽين مان 7 پاڪستان ۾ آهن. [10]

پاڪستان جي انهن جابلو سلسلن تي وڏي مقدار ۾ برف پوي ٿي جنهنڪري اتي شاهي گليشيئر (برفاني ڇپون) وجود ۾ اچن ٿا. آرڪٽڪ ۽ انٽ آرڪٽڪ سمنڊن ڪانپوءِ وڏي ۾ وڏا گليشيئر پاڪستان ۾ آهن، جن ۾ خاص طور تي سياچن گليشيئر 72 هم چورس ڪلوميٽرن ۾ پکڙيل آهي. اهي وسيع جابلو سلسلا گوناگو جيوت سان مالا مال آهن.

هڪ اندازي موجب، پاڪستان جي ڪل ايراضيءَ جو 13,680 هم چورس ڪلوميٽر علائقو برفاني ڇپون آهن، جيڪو جابلو علائقن جو 13 سيڪڙو حصو ٿئي ٿو. جابلو ۽ ميداني علائقن جو پاڻ ۾ گهرو ۽ مضبوط حياتياتي ۽ ماحولياتي لاڳاپو آهي. جبل، ميداني علائقن کي پاڻي مهيا ڪرڻ جواهم ذريعو ٿين ٿا. پاڪستان جي ميداني علائقن جي زراعت جو گهڻي حد تائين مدار جابلو هنڌن تان وهي ايندڙ پاڻيءَ تي آهي. زراعت، ملڪي اقتصاديات جي واڌاري ۾ انتهائي اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. پاڪستاني زراعت جي 70 سيڪڙي کان وڌيڪ پيداوار، جبلن جي برف رجڻ سبب ٿئي ٿي.

جبل، گوناگوجيوت لاءِ پناهگاهن ۽ جُوئن جو ڪم ڏين ۽ انهن جي بقا ڪن ٿا. جبل، هوائن جا رخ ڦيرائين ٿا. مثال طور؛ هماليه، قراقرم ۽ هندوڪش جابلو سلسلا وچ ايشيا مان کُهلي ايندڙ يخ ٿڌين هوائن کي روڪين ٿا ته عربي سمنڊ مان لڳندڙ چؤماسي جي هوائن سبب برساتون برسائين ٿا جنهن سان آبهوا ۽ ماحول متعدل رهي ٿو. ان ڪانسواءِ جبل، معدنيات ۽ قدرتي وسيلن جو به ذريعو آهن. مثال طور؛ پاڪستان جا جبل مختلف قسمن جي معدنيات، خاص طور تي قيمتي پٿرن (ياقوت ۽ زمرد وغيره) ڪري گهڻو مشهور آهن. ايترن ۽ اهڙن فائدن کان علاوه جبلن جو هڪ وڌيڪ اهم فائدو هي به آهي ته اهي مختلف قومن جي وچ ۾ قدرتي سرحدن جو ڪم ڏين ٿا. مثال طور؛ اترين علائقن جا جبل پاڪستان، انڊيا ۽ افغانستان وچ ۾ سرحدون آهن.

## جبل ۽ اسلامي تعليم

ڪائنات جي جوڙڻهار ڌرتيءَ تي جبل پيدا ڪري، جتي انهن کي سونهن ۽ سندرتا جو ذريعو بڻايو آهي اتي انهن سان ٻيا به بيشمار فائدا ڳنڍي ڇڏيا آهن،

مثال طور: جيڪڏهن جبل نہ هجن ها تہ زمين ڪڏهن بہ سڪون ۾ نہ هجي ها ۽ هر وقت ڏڏندي رهي ها.

فرمان الاهي آهي:

وَ اَلۡقٰى فِى الۡاَرۡضِ رَوَاسِىَ اَنۡ تَمِيۡدَ بِكُمۡ (النحل: ١۵)

”۽ ان الله زمين ۾ ڳورا ڳورا جبل کوڙيا، ائين نہ ٿئي تہ اها هيڏي هوڏي ٿي توهان سان جهڪي پوي.“

وَّ الۡجِبَالَ اَوۡتَادًا (النبا: ٧)

”۽ ڇا اسان جبلن کي زمين جون ميخون نہ بڻايو سي“.

مختلف قسمن ۽ مختلف قدن بتن وارا جبل، مختلف قسم جي ڪارائتن قدرتي وسيلن (معدنيات) جا پيندار آهن، جن مان انسان، زندگي جي مختلف شعبن ۾ لاڀ حاصل ڪري ٿو. ارشاد ٿئي ٿو:

وَمِنَ الۡجِبَالِ جُدَدٌۢ بِيۡضٌ وَّحُمۡرٌ مُّخۡتَلِفٌ اَلۡوَانُهَا وَغَرَابِيۡبُ سُوۡدٌ (فاطر: ٢٧)

”۽ جبلن ۾ طبقا ٺاهيا، ڪي تہ انهن ۾ سفيد آهن تہ ڪي ڳاڙها مختلف رنگا تہ ڪي زورڪارا آهن.“

جبل، انسانن ۽ جانورن جي لاءِ پناهہ گاهن جو بہ فرض ادا ڪندا رهيا آهن. انسان انهن جي پٿرن کي ٽڪي انهن ۾ رهڻ لڳو تہ انسان ۽ جانور انهن جي غارن ۽ ڦاٽن ۾ محفوظ رهيو. انهن سيني تحفن ڏانهن قرآن مجيد جي ڪيترين ئي آيتن ۾ چٽا اشارا ملن ٿا. مثال طور: حضرت صالح، ثمود قوم کي خطاب ڪندي فرمايو:

وَّتَنۡحِتُوۡنَ الۡجِبَالَ بُيُوۡتًا (الاعراف: ٧٤)

”۽ توهان جبلن کي ٽڪي گهر ٺاهيو ٿا.“ هڪ ٻئي هنڌ فرمائين ٿا:

وَّ جَعَلَ لَكُمۡ مِّنَ الۡجِبَالِ اَكۡنَانًا (النحل: ٨١)

”۽ الله توهان لاءِ جبلن ۾ لڪي رهڻ جون غارون ٺاهيون.“

جبل، جيئن اڳ ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي ته ڪنهن به ملڪ جي معيشت، زراعت ۽ مندن ڪي معتدل رکڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪن ٿا. انهي ڪري جو انهن تي برف پوي ٿي، ٻيلا پيدا ٿين ٿا، منجهن معدنيات ٿئي ٿي ۽ مختلف قسمن جا جانور رهن ٿا، جن سيني تي انساني زندگي جو دارومدار ٿئي ٿو.

پاڪستان جا اترين جابلو سلسلا ملڪ جي موسمن ۽ معيشت ۾ وڏي اهميت رکن ٿا. اترين جبلن جون آسمان ڇهندڙ ۽ برف سان ڍڪيل چوٽيون، شاهي برفاني ڇپون، دل موهيندڙ ڍنڍون، ساوا ٻيلا، دلڪش واديون ۽ قيمتي ميون جا باغ ڏيهان ڏيهه مشهور آهن.

جبلن جي اهڙن فائدن کي نظر ۾ رکندي حڪومت پاڪستان، ”جابلو علائقن کي سانڍڻ جي رٿا“ شروع ڪئي آهي. اها ستن سالن جي رٿا 1999ع ۾ شروع ٿي ۽ 2006 تائين جاري رهي. عالمي ماحولياتي سهولت جي مالي امداد واري ان رٿا کي عالمي ترقياتي پروگرام، صوبي سرحد جي سرڪار، اترين پرڳڻن جي حڪومت ۽ ٻين ڪيترن ئي غيرسرڪاري تنظيمن جي اشتراڪ سان عملي روپ ڏنو پيو وڃي.

ايم اَي سي پي جي لاءِ صوبي سرحد ۾ ترچ ۽ قشقار جا علائقا ۽ اترين علائقن ۾ نانگا پربت ۽ گوجال جا علائقا چونڊيا ويا آهن. انهن چئني علائقن جي جملي ايراضي 16,365 هم چورس ڪلوميٽر ۽ آبادي 23,1000 آهي.

ايم اي سي پي جو بنيادي مقصد پاڪستان ۾ قراقرم، هندوڪش ۽ هماليائي جابلو ماڳن ۾ ٿيندڙ گوناگوجيوت جو بچاءُ ڪرڻ ۽ مقامي آباديءَ جي سهڪار سان قدرتي وسيلن جي پائدار استعمال کي يقيني بڻائڻ آهي.

اسانجي آبادي جون ضرورتون ۽ اسانجي ماحول جي تقاضا آهي ته اسان، انهن جابلو وسيلن جي حفاظت ڪريون ته جيئن ٻوڏن جي تباهين، زمين جي کاڌ، ماحولياتي غلاظت، آبي ذخيرن جي زيان، خشڪ ساليءَ، گرميءَ جي ٿيندڙ بي پناهه واڌ جهڙن مسئلن کان بچي ۽ گوناگوجيوت جي تحفظ جي دلجاءِ ڪري سگهون.

## باب چوٿون

# فضا ۽ ان سان لاڳاپيل مامرا

فضا يا هوا جو گولو جنهن کي وايومنڊل (Atmosphere) بہ سڏجي ٿو، پاڻيءَ وانگر ٿي انساني زندگي ۽ جانورن جي بقا لاءِ انتهائي ضروري آهي، انهي مان اسان ساهہ کڻڻ لاءِ آڪسيجن گئس حاصل ڪريون ٿا. الله تعاليٰ هوا ۾ مختلف گئسن جي نسبت برقرار رکي آهي. جيڪا هيٺين ريت آهي.

| | |
|---|---|
| آڪسيجن | 20 سيڪڙو |
| نائٽروجن | 79 سيڪڙو |
| ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ | 0.03 سيڪڙو |
| ٻيون گئسون | 1 سيڪڙو |

آڪسيجن جي اهميت جو اندازو هن ڳالهہ مان لڳائي سگهجي ٿو تہ مرندڙ مريضن جي ساهہ کي بحال رکڻ لاءِ کين آڪسيجن ڏني ويندي آهي. جيڪڏهن آڪسيجن جي رسد بند ٿي وڃي تہ ڌرتيءَ تان بہ هر قسم جي زندگي ختم ٿي وڃي. ٻوٽا، هوا ۾ آڪسيجن ۽ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جو توازن برقرار رکڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. اهي ڏينهن جي وقت سج جي روشنيءَ جي موجودگيءَ ۾ فضا مان ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ جذب ڪري فوٽوسينٿيسس (Photosynthesis) جي عمل رستي کاڌو تيار ڪن ٿا. اهڙي ريت هوا ۾ موجود ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ گئس پنهنجي مقرر حد کان گهٽ يا وڌ نہ ٿي ٿئي.

جڏهن تہ موجوده دور ۾ ٻيلن جي بي درديءَ سان ڪٽائي ۽ صنعتي ڪارخانن جي خارج ٿيندڙ غلاظتن سبب فضا ۾ موجود گئسن جو قدرتي توازن متاثر ٿي رهيو آهي. ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ، ڪاربان مونو آڪسائيڊ ۽ ٻين صحت دشمن گئسن جي مقدار ۾ واڌ ٿي رهي آهي جنهن سبب ڌرتيءَ تي گرمي پد ۾ لاڳيتو واڌ ٿي رهي آهي.

## وايومنڊل ۽ اسلامي تعليم

اها هڪ مڃيل حقيقت آهي تہ صنعتي انقلاب اچڻ ڪانپوءِ ٻين قسمن جي غلاظتن جيان فضائي غلاظت ۾ بہ واڌارو ٿيو آهي، جنهن سبب سڄي دنيا جا ماڻهو وڏيءَ پريشاني ۾ مبتلا ٿيا آهن. اسان جي غيرذميدار عملن ۽ سرگرمين ڪائنات جي هن خوبصورت سياري (ڌرتيءَ) ڪي غليظ ڪرڻ جي حد ڪري ڇڏي آهي. ٻيلا، جيڪي انسان لاءِ هڪ تمام اهم گئس آڪسيجن پيدا ڪرڻ جا ڪارخانا آهن تن ڪي بي درديءَ سان ناس ڪري اهڙن قيمتي ذخيرن ڪي انسان پنهنجن هٿن سان پاڻ تباهہ ڪري رهيو آهي.

ماحولياتي توازن برقرار رهڻ لاءِ زمين جي 25 سيڪڙو حصي تي ٻيلن جو هجڻ ضروري آهي. جڏهن تہ مملڪت خدا داد پاڪستان ٻيلن جي ايراضيءَ جي لحاظ کان سڄيءَ دنيا ۾ 40 نمبر تي ۽ اها ايراضي رڳو 4.8 سيڪڙو آهي جيڪا گهربل حد کان بہ اندازاً 20 سيڪڙو گهٽ آهي. اها ايراضي وڌائڻ جي رٿائن ۾ ڪا خاطر خواهہ ترقي نہ ٿي رهي آهي، رهندو ان جو ابتو اثر اهو ٿيو آهي تہ باقي بچيل ٻيلن کي بہ بي درديءَ سان وڍيو پيو وڃي، جنهن سبب وڻن جي شرح ۾ ساليانو 0.2 سيڪڙي جي حساب سان گهٽتائي ٿي رهي آهي.

ان فساد ڏانهن قرآن مجيد ۾ ڪليل اشارو ڏنل آهي. ارشاد باري تعاليٰ آهي:

ظَهَرَ الْفَسَادُ فِي الْبَرِّ وَالْبَحْرِ بِمَا كَسَبَتْ أَيْدِي النَّاسِ لِيُذِيقَهُمْ بَعْضَ الَّذِي عَمِلُوا لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُونَ (الروم: ۴۱)

”ماڻهو جيڪي (خراب) ڪم ڪري رهيا آهن ان سبب خشڪيءَ ۽ تريءَ تي فساد پکڙجي ويو آهي (الله تعاليٰ چاهي ٿو تہ) انهن جي ڪن اعمالن جي سزا کين

(دنيا ۾ ئي) ڏئي. ته سگهي ٿو ته اهي (اهڙن خراب ڪمن کان) باز اچن.“

گاڏين ۽ ڪارخانن جو دونهون، گندگي ۽ غلاظت جا ڍير، باهيون ۽ ٻرڻ سڙڻ جو عمل، ڪيميائي شين جو بيحد استعمال انساني سرگرمين جا ڪجهه اهڙا مثال آهن جيڪي مسلسل فضائي غلاظتون پيدا ڪري رهيا آهن. اهڙن سرگرمين سبب فضا ۾ زهريليون گئسون جهڙوڪ: ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ، سلفر ڊاءِ آڪسائيڊ، ڪاربان مونو آڪسائيڊ وغيره جام گڏ ٿي گرمي وڌائڻ جو سبب بڻجي رهيون آهن. نه رڳو اهي گئسون پر ٻيا به ڪيترائي ڪيميائي مادا جهڙوڪ: ڪلورو فلورو ڪاربان جي فضا ۾ گڏ ٿيڻ سان اوزون (Ozone) گئس جو تهه تباهه ٿي رهيو آهي، جنهن سبب سج جا موتمار ڪرڻا زمين تائين رسي ڌرتيءَ تي رهندڙ هر قسم جي زندگي لاءِ هاجيڪار ثابت ٿي رهيا آهن. گرمي پد ۾ ٿيندڙ واڌ جيڪا سنئين سڌي فضائي غلاظت ڪري ٿي رهي آهي، دنيا جي ڪيترن خطن ۾ حصن جي موسمي ماڊلڻ کي متاثر ڪري رهي آهي. جنهن سبب سرديون مختصر، گرميون گهٽيون ڊگهيون ته ٻوڏون به جام اچي رهيون آهن. تنهنڪري ائين چوڻ ۾ وڌاءُ نه ٿيندو ته قدرتي وسيلن جي اعتدال ۽ متوازن استعمال جو جيڪو درس خالق ڪائنات ڏنو آهي تنهن تي عمل نه ڪرڻ سان سواءِ بربادي ۽ نقصان جي ٻيو ڪجهه به هٿ حاصل نه ٿيندو. ارشاد باري تعاليٰ آهي:

وَلَا تُخْسِرُوا الْمِيْزَانَ۔ (الرحمٰن: ۹)

”۽ تارازي ۾ ڪوٽ نه ڪريو“

ان حڪم جو مطلب هي به آهي ته، ڪنهن قاعدي قانون ڪانسواءِ ماحول جي قدرتي وسيلن جو استعمال سڀ کان وڏو ظلم ۽ الله جي نعمتن کان انڪار آهي. سيني مامرن ۾ اهڙو انصاف ۽ ڪفايت شعاري اختيار ڪئي وڃي جيڪو هر قسم جي گهٽ وڌائي کان پاڪ هجي.

نبي ڪريم ﷺ جن هڪ ٻئي کي نقصان پهچائڻ کان منع فرمائي آهي ته جيئن معاشرو ڪنهن به طرح سان گندو ۽ غليظ ٿي نه

سگهي. (لَا ضَرَرَ وَلَا ضِرَارَ) [ابن ماجہ (2340) ڪتاب الحڪام (13) باب من بني في حقه مايضر بجاره (17)]

”نہ پاڻ کي نقصان ڏيو ۽ نہ ٻين کي پهچايو.“

## فضائي غلاظت/هوائي گدلاڻ گهٽائڻ بابت اسلامي حڪمت عملي

هوائي گدلاڻ ختم ڪرڻ لاءِ نبي ڪريم ﷺ جي هيٺ ڏنل تعليم تي عمل ڪري سڌارڻ سنوارڻ جي يقيني ڪوشش ڪري سگهجي ٿي.

1. زراعت کي زور وٺائڻ.

نبي ڪريم ﷺجن جو فرمان آهي.

**مَا مِنْ مُسْلِمٍ يَغْرِسُ غَرْسًا اِلَّا كَانَ مَا أُكِلَ مِنْهُ صَدَقَةٌ، وَمَا سُرِقَ مِنْهُ لَهُ صَدَقَةٌ، وَمَا أَكَلَ السَّبُعُ مِنْهُ فَهُوَلَهُ صَدَقَةٌ، مَا أَكَلَتِ الطَّيْرُ صَدَقَةٌ**

(صحيح مسلم ١٥٥٢ : كتاب المساقاة (٢٢): باب فضل الغرس والزرع (٢) عن جابر)

”مسلمان جيڪو ٻوٽو هڻي يا پوک پوکي ٿو ۽ پوءِ ان مان ڪو انسان، جانور يا ڪا ٻي شئي کائي يا چورائي تہ اهو ضرور ان لاءِ صدقو بڻجي وڃي ٿو.“

2. وسيلن (مال) جو احترام

اسلام وسيلن جي ضايع ڪرڻ جي گهٽيءَ سختي سان منع ڪئي آهي. قرآن مجيد ۾ وسيلن جي زيان ۽ فضول خرچيءَ لاءِ اسراف ۽ تبذير جا اصطلاح ڪتب آندا ويا آهن. عالمن جي لغت موجب اسراف، جائز گهرجن ۽ عملن جي حد کان وڌيڪ خرچ ڪرڻ کي سڏيو وڃي ٿو. جڏهن تہ تبذير بنا ضرورت جي/هرويرو مال وڃائڻ آهي. ارشاد باري تعاليٰ آهي.

وَّكُلُوْا وَ اشْرَبُوْا وَلَا تُسْرِفُوْا (الاعراف: ٣١)

”کائو پيئو پر زيان نہ ڪريو.“

هڪ ٻئي هنڌ حڪم ٿئي ٿو:

وَاٰتِ ذَا الْقُرْبٰى حَقَّهٗ وَالْمِسْكِيْنَ وَابْنَ السَّبِيْلِ وَلَا تُبَذِّرْ تَبْذِيْرًا ﴿۲۶﴾ اِنَّ الْمُبَذِّرِيْنَ كَانُوْٓا اِخْوَانَ الشَّيٰطِيْنِ ۭ وَكَانَ الشَّيْطٰنُ لِرَبِّهٖ كَفُوْرًا ﴿۲۷﴾ (بنی اسرائیل : ۲۶،۲۷)

”۽ مائٽ، محتاج ۽ مسافر کي سندس حق ڏيندا ڪريو ۽ اجايو نہ لٽايو.

بيشڪ بي جا لٽائيندڙ شيطان جا ڀائر آهن ۽ شيطان پنهنجي رب جو ناشڪرو آهي.“

اسلامي اصول هي آهي تہ ماٺهو، نہ تہ ڪنجوسي ڪري ۽ نہ ايترو هٿ ڇاڙ ٿئي جو اسراف ۽ تبذير يعني مال جي ضايع ٿيڻ جي صورتحال پيدا ٿئي. فرمان خداوندي آهي:

وَلَا تَجْعَلْ يَدَكَ مَغْلُوْلَةً اِلٰى عُنُقِكَ وَلَا تَبْسُطْهَا كُلَّ الْبَسْطِ فَتَقْعُدَ مَلُوْمًا مَّحْسُوْرًا

(بنی اسرائیل : ۲۹)

”۽ پنهنجو هٿ پنهنجي ڪنڌ سان ٻڌل نہ رک ۽ نہ ان کي بلڪل کول نہ تہ ڏوهي، هارايل ٿي ويهي رهندين.“

هڪ ٻئي حديث موجب رسول الله ﷺ جن، جن شين جي پاڪائي ۽ ڪراهت بابت بيان فرمايو آهي. ان ۾ اضاعة المال (يعني وسيلن جو زيان) بہ شامل آهي. [صحيح بخاري (7292): كتاب الاعتصام بالكتاب والسنة، (97) باب مايُكره من كثرة السئوال وتكلف مالا يعنيه (3).]

( مَنْ أَحْيَا أَرضًا مَيتَةً فَهِيَ لَهُ (ابوداؤد ۳۱۷۳.۳۰۷٤: كتاب الخراج والامارة والفيء (١٤) باب فى احياء الموات ٣٧)

”جنهن بہ بنجر زمين آباد ڪئي اها سندس ٿي وئي“

## 3. آبادي وارن ماڳن تي ساوڪ جي همت افزائي

رسول اڪرم ﷺ جن اها پهرين شخصيت آهن جن ماحول جا اهڙا محفوظ ماڳ جوڙيا، جتي ٻوٽن کي وڍڻ ۽ جانورن کي مارڻ کان منع ڪئي وئي.

**حَمَی رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ كُلُّ نَاحِيَةٍ مِّنَ الْمَدِيْنَةِ بَرِيْداً لَا يُخْبَطُ شَجَرُهُ وَلَا يُعْضَدُ اِلَّا مَا يُسَاقُ بِهِ الْجَمَلِ** (سنن ابی دائود: ۲۰۳۶: کتاب المناسك ٥: باب فی تحریم المدینة (٩٩))

”رسول الله (ﷺ) مديني جي هر علائقي ۾ هڪ منزل/بريد (اندازاً 20 ڪلوميٽر) ڪي سانديل قرار ڏيندي انهن جي پنن ڇاڻڻ ۽ وڻن وڍڻ کان منع ڪئي سواءِ ايتري جي جيترو اٺ هڪلڻ لاءِ گهربل هجي.“ وڌيڪ پاڻ فرمايائون:

**أَنَا أُحَرِّمُ الْمَدِيْنَةَ، وَهِيَ كَمَكَّةَ حَرَامٌ مَا بَيْنَ حَرَّتَيْهَا، وَحِمَاهَا كُلُّهَا لَا يُقْطَعُ مِنْهَا شَجَرَةٌ اِلَّا أَنْ يَّعْلِفَ رَجُلٌ مِّنْهَا** (مسند احمد ۳/۳۹۳)

”مان مديني کي حرم قرار ڏيان ٿو. مڪي وانگر ان جي ٻنهي جبلن جي وچ وارا علائقا (بہ) محفوظ هوندا. ان جا وڻ نہ وڍيا وڃن سواءِ ايتري جي جيترا اٺ هڪلڻ لاءِ گهربل هجن.“ رسول الله ﷺ جي تعليم جو اهو پهلو خاص طور تي پيش ڪرڻ جي ضرورت آهي تہ پاڻ ڪنهن قوم سان جنگ دوران بہ سندن وڻن ۽ پوک کي، ضرورت کانسواءِ تباهہ ڪرڻ کان منع فرمايو آهي.

**كَانَ النَّبِيُّ ﷺ اِذَا بَعَثَ جَيْشاً مِّنَ الْمُسْلِمِيْنَ اِلَى الْمُشْرِكِيْنَ، قَالَ: اِنْطَلِقُوْا بِاسْمِ اللّٰهِ؛ وَلَا تَقْتُلُوْا وَلِيْداً طِفْلًا وَلَا امْرَاَةً وَلَا شَيْخًا كَبِيْراً وَلَا تَغُوْرَنَّ عَيْنًا وَلَا تَعْقِرَنَّ شَجَرَةً اِلَّا شَجَراً يَمْنَعُكُمْ قِتَالًا اَوْ يَحْجِزُ بَيْنَكُمْ وَبَيْنَ الْمُشْرِكِيْنَ وَلَا يُمَثِّلُوْا بِآدَمِيِّ وَلَا بَهِيْمَةٍ وَلَا تُغْدِرُوْا وَلَا تَغِلُّوْا** (السنن الکبریٰ للبیهقی ۹/۹۰.۹۱)

رسول الله ﷺ جن جڏهن بہ مسلمانن جو لشڪر مشرڪن ڏانهن روانو ڪندا هئا تہ کين چوندا هئا: ”الله جو نالو وٺي هلو. ڪنهن ٻار، عورت ۽ پيرسن کي قتل نہ ڪريو. نہ ڪا اک ڪڍو ۽ نہ ڪو وڻ وڍيو. سواءِ ان وڻ جي جيڪو ويڙهہ ۾ توهانجي آڏو اچي يا توهانجي ۽ مشرڪن جي وچ ۾ اوٽ بڻيل هجي، ڪنهن انسان يا جانور جي عضوہ شڪني نہ ڪريو. نہ دوکو ڏيو ۽ نہ (مال غنيمت ۾) خيانت ڪريو.“

**4. فضائي غلاظت کان بچڻ لاءِ صاف سٿرو ماحول برقرار رکڻ**

نبي ڪريم ﷺ جن ماحول کي صاف سٿري رکڻ تي گهڻو زور ڏيندا ۽ فرمائيندا هئا:

**اَلْاِيْمَانُ بِضْعٌ وَّ سَبْعُوْنَ شُعْبَةً فَاَفْضَلُهَا قَوْلُ لَااِلٰهَ اِلَّااللّٰه وَ اَدْنَاهَا اِمَاطَةُ الْاَذٰى عَنِ الطَّرِيْقِ** (صحيح مسلم ۵۸: كتاب الايمان ۱، باب بيان عدد شعب الايمان ۱۲)

”ايمان جون ستر کان ڪجهه وڌيڪ شاخون آهن جن مان سڀ کان افضل لااله الاالله جو عقيدو رکڻ آهي ۽ سڀ کان سولي حاصلات گس تان موذي شئي پري ڪرڻ آهي.“

جنهن کي اڄ اسان تهذيبي روش يا مهذب طريقو چئون ٿا. اسلام ۾ ان کي ايمان جو لازمي حصو قرار ڏنو ويو آهي.

رسول اڪرم ﷺ جي، هن حديث جي ته هر هڪ ماڻهوءَ کي خبر آهي:

**الطُّهُوْرُ شَطْرُ الْاِيْمَانِ** (صحيح مسلم ۲۲۳، كتاب الطهارت (۲) باب فضل الوضوء ۱)

”صفائي ايمان جو هڪ تمام وڏو حصو آهي.“

تت اهو آهي ته، ماحول کي صاف سٿري رکڻ سان ئي هوائي/فضائي غلاظت جي نقصانڪار اثرن کان بچي سگهجي ٿو. ٻيءَ صورت ۾ اٽوٽندڙ هوائون عذاب بڻجي انسانيت جي فنا جو سبب بڻبيون. انهن نقصانڪار هوائن کي قرآن مجيد ۾ نون مختلف نالن سان بيان ڪيو ويو آهي: عاصف (پوسو يا پوسي جهڙين شين کي اڏائيندڙ هوا)، قاصف (گجگوڙ وارو آنڌي)، حاصب (پٿرن ۽ پٿرين کي اڏائيندڙ هوا)، سموم (لُڪ)، اعصار (واچوڙو)، حسبان (آفت)، نفحت (ٿڌي هير)، صر صر (لُري)، ۽ ريح عقيم (چڱائي کان خالي هوا).

جيڪڏهن اسان جا عمل درست هوندا ته قرآن مجيد ۾ بيان ڪيل خوشگوار ۽ ڪارائتين هوائن مان مزو ماڻي، رب ڪريم جي نعمتن جو شڪر ادا ڪري سگهنداسي. انهن هوائن لاءِ قرآن مجيد ۾ روح (صبح جو هير)، ريحان (معطر هوا)، مبشرات (رحمت نازل ٿيڻ جي خوشخبري ڏيندڙ هوا) ۽ لواقع (باربردار) جا اصطلاح استعمال ڪيا ويا آهن.

اسانکي گهرجي ته قدرت طرفان انسان تي جيڪو فرض ٿئي ٿو ته هو فضا جي توازن کي نقصان نه پهچائي ۽ ان حوالي سان پنهنجيون ذميواريون صحيح طرح سان نڀائي نه ته ان جي اگرن نتيجن لاءِ ڪيس ئي ڀوڳڻو پوندو.

باب پنجون

# نباتات ۽ حيوانات بابت لاڳاپيل مامرا

## نباتات

موجوده حالتن ۾ زمين جو رڳو پنجاھ سيڪڙو نباتات جي پيداوار لاءِ موزون آهي. جڏهن تہ نباتات جيتري هجڻ گهرجي، ان کان گهٽي گهٽ آهي. زمين جو باقي پنجاھ سيڪڙو گهڻو خشڪ، گهڻو تر ۽ گهڻو سرد هجڻ سبب نباتات پوکڻ لائق ناهي.

مختلف علائقن ۾ مختلف قسمن جا ٻوٽا ۽ انهن جي پيداوار بہ گهٽ وڌ ٿئي ٿي، سيني قسمن جا ٻوٽا هر هنڌ نہ ٿا ٿين. انهن مان ڪيترا قسم محدود علائقن ۾ ٿين ٿا، جنهن جو اصل سبب گرمي پد جي گهٽ وڌائي، سامونڊي سطح کان اوچائي ۽ برسات جي مقدار ۾ فرق آهي.

95 - 1996ع جي اقتصادي جائزي موجب پاڪستان جي رڳو 4.20 ملين هيڪٽر ايراضي تي ٻيلا آهن. جيڪا ڪل 4.8 سيڪڙو ايراضي آهي. جيئن اڳ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي تہ ٻيلن جي گهربل معياري ايراضي 25 سيڪڙو هجڻ آهي. پاڪستان ۾ في فرد (ڪس) 0.037 هيڪٽر ٻيلا آهن ۽ اهو انگ عالمي معيار جي في فرد في هيڪٽر کان گهڻو گهٽ آهي. (4)

نباتات مان مراد هر قسم جي ساوڪ آهي. جنهن ۾ وڻ، ٻوٽا، وليون، گاهه پنو ۽ جڙيون ٻوٽيون به اچي وڃن ٿيون. زرعي فصل، ميويدار وڻ ۽ سبزيون به نباتات ۾ شمار ٿين ٿيون. نباتات جا هينيان فائدا آهن:

- خوراڪ مهيا ڪرڻ جو بنيادي ذريعو آهي. انسان پنهنجي لاءِ کاڌ خوراڪ زرعي جنسن، ميون ۽ سبزين مان ته پالتو ۽ جهنگلي جانور پنهنجو چارو نباتات مان حاصل ڪن ٿا.
- نباتات مان انسان عمارتي ڪاٺ، ٻارڻ ۽ صنعتي ڪچي مال جون گهرجون پوريون ڪري ٿو.
- نباتات، فضا ۾ موجود صحت لاءِ نقصانڪار ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ گئس جذب ڪري موٽ ۾ صحت بخشيندڙ آڪسيجن گئس خارج ڪري اسان جي فضا کي صاف رکڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي.
- نباتات، مقامي گرمي پد، هوائن ۽ ڪڪرن تي اثرانداز ٿي مندن کي معتدل ۽ وڻندڙ بڻائي ٿي.
- نباتات، پاڻي ۽ تيز هوائن لڳڻ سبب زرخيز زمين جي کاڌ ۽ لڙهڻ کي روڪي ٿي.
- جَر جي ذخيرن ۾ واڌارو ڪري ٻوڏن جون تباهيون گهٽائي ۽ پاڻي جي لاڳيتي فراهمي ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿي.
- نباتات مان ئي انساني پوشاڪ ۽ دوائن جو هڪ وڏو حصو حاصل ٿئي ٿو.
- نباتات، انسانن ۽ حيوانن لاءِ رهائش جا ماڳ (جُوئيون) مهيا ڪري ٿي.
- نباتات، زمين جي خوبصورتي وڌائي ٿي ۽ اها اکين کي وڻندڙ لڳي ٿي.

- نباتات نہ رڳو زمين جي زرخيزي قائم رکي ٿي تہ ان ۾ واڌارو بہ ڪري ٿي.
- نباتات توانائي حاصل ڪرڻ جو هڪ وڏو ذريعو پڻ آهي.

## نباتات متاثر ڪندڙ انساني سرگرميون

ماحوليات ۾، ٻين انساني شين جي پيٽ ۾ ٻوٽن ۽ جانورن تي تمام گهڻا ۽ ديرپا ناڪاري اثر پون ٿا جهڙوڪ:

1. نباتات کي ٻارڻ طور استعمال ڪرڻ ۽ ٻين گهرجن جي پورائي لاءِ بي دردئ سان وڍيو وڃي ٿو.
2. نباتات، سونهن سينگار ۽ ٿاهہ ٿوهہ جا وکر مهيا ڪرڻ ڪانسواءِ اڏاوتي ڪمن ۾ بہ استعمال ڪئي وڃي ٿي.
3. ٻيلا وڍي زمين کي زراعت لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو.
4. وڄ ۽ ورلي بي احتياط انساني سرگرمين سبب عام طور تي ٻيلن کي باهہ لڳي پوي ٿي جنهن سبب ٻيلن کي تمام گهڻو نقصان پهچي ٿو.
5. مختلف قسم جا جانور، گاهہ ۽ ٻوٽن کي چاري طور استعمال ڪن ٿا.
6. هوا جي غلاظت، نباتات تي پڻ خراب طرح سان اثرانداز ٿئي ٿي.
7. انساني جنگيون ٻيلن جي بي حساب تباهي جو ڪارڻ بڻجن ۽ ماحول کي خاص طور تي گهڻ رخو نقصان پهچائين ٿيون.

## نباتات ۽ اسلامي تعليم

قران مجيد ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي وڻ جو ذڪر آيل آهي جنهن مان اها ڳالهہ سولائي سان سمجهي سگهجي ٿي تہ اهو انسانن لاءِ ڪيترو نہ ڪارائتو ۽ نعمت آهي. ان سلسلي ۾ دلچسپ ڳالهہ هيءَ آهي تہ قرآن جي اصطلاح ۾ لفظ ”جنت“ جي معنيٰ ئي انتهائي سرسبز باغ جي آهي. الله تعاليٰ جو ارشاد آهي.

جَنّٰتٌ تَجۡرِیۡ مِنۡ تَحۡتِهَا الۡاَنۡهٰرُ (آل عمران : ١٥)

"باغ هوندا جن ۾ درياءَ وهندا رهندا."

سبا قوم جي حوالي سان قرآن پاڪ ۾ ٻن باغن جو خاص ذڪر ڏيان طلب آهي جن مان هو خوراڪ حاصل ڪندا هئا. ارشاد باري تعاليٰ آهي:

لَقَدۡ کَانَ لِسَبَاٍ فِیۡ مَسۡکَنِهِمۡ اٰیَةٌ ۚ جَنَّتٰنِ عَنۡ یَّمِیۡنٍ وَّ شِمَالٍ ۬ؕ کُلُوۡا مِنۡ رِّزۡقِ رَبِّکُمۡ وَ اشۡکُرُوۡا لَهٗ ؕ بَلۡدَةٌ طَیِّبَةٌ وَّ رَبٌّ غَفُوۡرٌ ۔ (سبا : ١٥)

لاشڪ، سبا قوم لاءِ سندن وسنديءَ ۾ هڪ نشاني هئي، اهي باغ جيڪي ڪاٻي ۽ ساڄي پاسي موجود هئا. (اسان چيو) هن رزق مان جيڪو توهانجي رب ڏنو آهي ڪائو ۽ سندس شڪر ڪريو. شهر پاڪيزه ۽ رب گناهه بخشيندڙ آهي."

اهڙي ريت هڪ ٻئي هنڌ الله تعاليٰ پاڻيءَ ۽ چراگاهن جو ذڪر ڪري ان کي خاص طور تي انسانن ۽ چوپائي مال لاءِ متاع (زندگيءَ جو سامان) قرار ڏنو آهي، ارشاد ٿئي ٿو:

وَ الۡاَرۡضَ بَعۡدَ ذٰلِکَ دَحٰهَا ؕ﴿۳۰﴾ اَخۡرَجَ مِنۡهَا مَآءَهَا وَ مَرۡعٰهَا ﴿۪۳۱﴾ وَ الۡجِبَالَ اَرۡسٰهَا ﴿ۙ۳۲﴾ مَتَاعًا لَّکُمۡ وَ لِاَنۡعَامِکُمۡ ؕ﴿۳۳﴾ (النازعات : ٣٠، ٣٣)

"۽ (آسمان ڪانپوءِ) زمين کي سڌو ڪيو. ان جي اندران ان جو پاڻي ۽ چارو پيدا ڪيو ۽ جبلن کي زمين جو لنگر بڻايو (جيڪو) توهان ۽ توهانجي جانورن لاءِ زندگيءَ جو وکر آهي."

## ٻوٽن جا قسم بناوت جي لحاظ کان

وڻن ۽ ٻوٽن جي حوالي سان اسانکي قرآن مجيد ۾ هيٺيان اصطلاح ملن ٿا:

1. شجرة: شجر (عام لفظ جيڪو هر قسم جي شاخدار نباتات لاءِ آهي) (ڏسو الواقعه: 71-72)

2. نجم: ستارو ۽ بي شاخ نباتات، جيڪو جڙين ٻوٽين وغيره لاءِ به استعمال ٿئي ٿو.) (ڏسو الرحمن: 6)

3. اثل: (اهو وڻ جنهن جون پاڙون مضبوط هجن. عام طور تي اهو ڪنڊن واري ٻوٽي تي لاڳو ٿئي ٿو.) (ڏسو: سبا: 146)

4. يقطين: (اهو وڻ جنهن جو ٿڙ نہ هجي، عام طور تي ول وارن ٻوٽن ۽ خاص طور تي ڪدوءَ جي ول لاءِ استعمال ٿئي ٿو) (ڏسو الصافات: 146).

5. ضريع: (ڪنڊيدار ٻوڙا) (ڏسو الغاشية- 4).

6. زقوم (زمين ۾ پکڙجندڙ موڪرن ۽ ڪنڊيدار پنن واري نباتات خاص طور ٿوهر جو وڻ) (ڏسو الدخان: 43).

ان ڳالهہ ۾ ڪو بہ شڪ ڪري نہ ٿو سگهجي تہ مٿي ذڪر ڪيل پانت پانت جا وڻ ۽ ٻوٽا انساني زندگي ڪي معتدل ۽ تازي تواني رکڻ ۾ هر گهڙي رڌل آهن. انهن سان ظلم، يعني سندن بي جا استعمال ۽ زيان پنهنجو پاڻ سان زيادتي ڪرڻ جي برابر آهي.

الله تعاليٰ اسانکي زندگي جي هر پهلوءَ ۾ سدائين معتدل رهڻ ۽ توازن قائم رکڻ جو حڪم ڏنو آهي، تنهنڪري اصل مسئلو آسمان ۽ زمين جي وسيلن مان فائدو حاصل ڪرڻ نہ پر بي اعتدالي، بغاوت ۽ ناجائز استعمال ۽ زيادتي آهي. انهن سڀني لفظن جي معنيٰ ۽ تت اهو آهي تہ، توازن جي پرواهہ نہ ڪندي، وسيلن جو اهڙو غيرموزون استعمال جنهن سان هن ماحول جو نظام درهم برهم ٿي وڃي ۽ حيات انساني جي لائق نہ رهي، اهو اسلامي تعليم جي خلاف آهي. اسلامي تعليم موجب انسان، قدرتي وسيلن جو مالڪ نہ پر محافظ ۽ امين آهي. الله تعاليٰ پنهنجي ڪتاب ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي زمين تي فساد پکيڙڻ ڪان منع ڪئي آهي. ارشاد باري تعاليٰ آهي:

كُلُوا وَاشْرَبُوا مِن رِّزْقِ اللَّهِ وَلَا تَعْثَوْا فِي الْأَرْضِ مُفْسِدِينَ (البقرہ: ٦٠)

”توهان الله جو ڏنل رزق کائو، پيئو ۽ زمين تي فساد نہ پکيڙيو.“

وڌيڪ فرمايائون:

وَلَا تُفۡسِدُوۡا فِی الۡاَرۡضِ (الاعراف: ٨٥)

”۽ توهان زمين تي فساد نہ پکيڙيو“

وڌيڪ فرمان آهي:

وَلَا تَعۡثَوۡا فِی الۡاَرۡضِ مُفۡسِدِيۡنَ (العنکبوت: ٣٦)

”۽ توهان زمين تي فسادي ٿي زيادتيون نہ ڪندا وتو.“

وري ارشاد فرمايائون:

وَلَا تَبۡغِ الۡفَسَادَ فِی الۡاَرۡضِ (القصص: ٧٧)

”۽ زمين تي فساد پکيڙڻ جي ڪوشش نہ ڪر.“

ڪنهن قاعدي ۽ قانون ڪانسواءِ ماحول جي قدرتي وسيلن جو استعمال سڀ کان وڏو ظلم ۽ الله جي نعمتن جي ناشڪري آهي، ڇو تہ نعمتن جي شڪر جي هڪ گهرج اها بہ آهي تہ انهن جو تحفظ ڪيو وڃي. الله تعاليٰ قرآن ڪريم ۾ هڪ اهڙيءَ وستي جو مثال ڏنو آهي، جيڪا اعتدال جي گس تان هٽڻ بعد ڏکيائن ۾ ڦاسي پئي هئي.

ارشاد باري تعاليٰ آهي:

وَضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا قَرۡيَةً كَانَتۡ اٰمِنَةً مُّطۡمَئِنَّةً يَّاۡتِيۡهَا رِزۡقُهَا رَغَدًا مِّنۡ كُلِّ مَكَانٍ فَكَفَرَتۡ بِاَنۡعُمِ اللّٰهِ فَاَذَاقَهَا اللّٰهُ لِبَاسَ الۡجُوۡعِ وَالۡخَوۡفِ بِمَا كَانُوۡا يَصۡنَعُوۡنَ ـ (النحل: ١١٢)

” ۽ الله تعاليٰ ان بستيءَ جو مثال ڏئي ٿو جيڪا امن ۽ اطمينان سان زندگي گذاري رهي هئي ۽ هر پاسي کان ججهو رزق ملندو هون، پر هنن الله تعاليٰ جي نعمتن جي ناشڪري ڪرڻ شروع ڪئي تہ الله ان عمل جو ڪين هي مزو چکايو تہ مٿن بک ۽ خوف مڙهجي ويو.“

اهڙي طرح ٻين وسندين بابت فرمايو ويو:

وَكَذٰلِكَ اَخۡذُ رَبِّكَ اِذَاۤ اَخَذَ الۡقُرٰى وَهِىَ ظَالِمَةٌ ؕ اِنَّ اَخۡذَهٗۤ اَلِيۡمٌ شَدِيۡدٌ (هود: ١٠٢)

”۽ تنهنجو رب جڏهن ظالم وستين کي پڪڙ ۾ آڻي ٿو ته پوءِ سندس پڪڙ اهڙي ئي هوندي آهي. واقعي سندس پڪڙ وڏي دردناڪ ۽ سخت هوندي آهي.“

وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيَظْلِمَهُمْ وَلٰكِنْ كَانُوْٓا اَنْفُسَهُمْ يَظْلِمُوْنَ (العنکبوت: ۴۰)

”الله انهن تي ظلم ڪرڻ وارو نه هو، پر هو پنهنجو پاڻ تي ظلم ڪندڙ هئا.“

پوءِ الله تعاليٰ رڳو ان فساد کان خبردار ڪرڻ ڪافي نه سمجهيو پر صحيح واٽ واضح ڪندي فرمايو:

قُلْ اَمَرَ رَبِّيْ بِالْقِسْطِ (الاعراف: ۲۹)

”تون ٻڌائين ته منهنجي رب انصاف جو حڪم ڏنو آهي.“

مطلب ته، سمورن مامرن ۾ اهڙو انصاف وارو رويو اختيار ڪيو وڃي جيڪو هر قسم جي ڏاڍائيءَ ۽ ڪوتاهيءَ کان پاڪ هجي.

وڻڪاري جي حوالي سان رسول ڪريم ﷺ جون واضح ۽ چٽيون هدايتون موجود آهن. جن مطابق مسلمانن کي ترغيب ڏني وئي آهي ته اهي انفرادي توڙي اجتماعي طور تي وڻڪاري کي وڌائيندا رهن. اسلام، وڻن پوکڻ ۽ نباتات جي حفاظت ڪرڻ کي ڪار ثواب (صدقو) قرار ڏيندي نه رڳو مادي فائدن حاصل ڪرڻ پر آخرت جي خوشبختي جو ذريعو به قرار ڏنو آهي. اهو انهي ڪري ڪيو ويو آهي ته جيئن مسلمان هڪ پاسي کان کاڌ خوراڪ جي معاملي ۾ پاڻ پرا ٿين ته ٻئي پاسي کان وڻن مان سفر ۽ قيام ۾ گهٽي کان گهڻو لاڀ حاصل ڪن.

تت اهو آهي ته، اسلام جي روشني ۾ وڻڪاري خدمت خلق جو هڪ اهڙو وسيلو آهي جنهن جو بي حساب ثواب آهي. وڻن جي حفاظت جو اسلام ايتري حد تائين اهتمام ڪيو آهي جو حرم جي علائقي ۾ جيڪي وڻ آهن تن کي وڍڻ، پاڙون پٽڻ، ضايع ڪرڻ يا ڪنهن وڻ جي شاخ کي پٽڻ جي به منع ڪيل

آهي. وڻن جي لحاظ کان اهڙي منع خاص اهميت رکي ٿي. ائين هڪ پاسي کان وڻڪاري جي هدايت ڪيل ته ٻئي پاسي کان وڻن کي نقصان پهچائڻ کان منع ڪيل آهي. مسلمانن کي ان معاملي ۾ سنو رويو اختيار ڪرڻ گهرجي. هر سال گهٽي کان گهٽا وڻ پوکڻ ۽ انهن جي حفاظت ڪرڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان هڪ پاسي کان سنت رسول ڪريم ﷺ جي پيروي ٿيندي ته ٻئي پاسي کان ان مان بيشمار دنياوي فائدا به حاصل ٿيندا رهندا.

## حيوانات

انساني گهرجن ۽ ماحوليات جي حوالي کان جانورن جي اهميت کان انڪار ڪري نه ٿو سگهجي. انهن مان ڪي جانور اهڙا به ٿين ٿا جنکي گهرن ۾ استعمال ڪيو وڃي ٿو ته ڪيترن جو شڪار ڪري کاڌو وڃي ٿو. جهنگلي جيوت نه رڳو علائقي جو حسن وڌائي ٿي بلڪ ماحول جي صحت ۽ معيار کي به برقرار رکي ٿي.

نباتات کانسواءِ دنيا جا سيئي ساهوارا حيوانن جي زمري ۾ اچن ٿا، جن ۾ اڪ کي نظر نه ايندڙ هڪ سيل (Cell) واري ساهواري کان وٺندي، هاٿي جيڏا شاهي، پالتو ۽ جهنگلي جانور به اچي وڃن ٿا ته پکي، جيت جڻيا ۽ پوپٽ به انهن جو ئي حصو آهن. حيوانن کي به الله تعاليٰ ڪنهن مقصد ۽ فائدي کانسواءِ پيدا نه ڪيو آهي. انهن مان انسانذات کي بيشمار فائدا حاصل ٿين ٿا جن مان ڪجھ هيٺيان آهن.

- حيوان، ڌرتيءَ جي گولي تي انسانذات جا ساٿي ۽ سندس اشرف المخلوقات هئڻ جو ثبوت آهن.
- حيوان، ڌرتيءَ تي زندگي جي علامت آهن. انهن جي تعداد ۾ ٿيندڙ گهٽ وڌائي ۽ نسلن جي ناپيدي انسان کي پنهنجي زندگيءَ ۾ پيش ايندڙ خطرن کان آگاھ ڪري ٿي.

- حيوان، قدرتي ماحول جي صحت جي عڪاسي ڪندڙ ۽ ماحول ۾ پيدا ٿيندڙ فائديمند ۽ نقصانڪار تبديلين کان انسان کي هوشيار ڪن ٿا.
- ڪن قسمن جا حيوان ڌرتي کي گندگي ۽ غلاظت ۽ مئل جانورن (ڍونڊين) کان صاف ڪري ماحول کي صاف سٿرو رکڻ ۾ مدد ڏين ٿا.
- ڪي حيوان فصلن ۽ پوکن کي نقصان ڏيندڙ جانورن ۽ جيت جڻين کان محفوظ رکڻ ۾ مدد ڪن ٿا ته ڪيترن قسمن جا مٽيءَ جي زرخيزي ۾ واڌارو ڪن ٿا.
- حيوان پنهنجين خوبصورت شڪلين ۽ موهيندڙ رنگن رستي ڌرتيءَ جي سونهن کي وڌائن ٿا ۽ اهڙي ريت انسان جي وندر ورونهه جو سبب بڻجن ٿا.
- ڪيترن قسمن جا جانور اسان لاءِ شڪار ٿي صحتمند تفريح ۽ گوشت جي صورت ۾ طاقتور کاڌو مهيا ڪن ٿا.
- حيوان، ملڪي ۽ بين الاقوامي سياحت ۾ واڌ جو ذريعو بڻجي قومي آمدني ۾ واڌاري ۽ بين الاقوامي لاڳاپن ۽ تعلقاتن ۾ اضافي جو سبب ٿين ٿا.
- حيوان نه رڳو لباس، سونهن سينگار ۽ ناهه نوهه جو سامان مهيا ڪن ٿا ته سندن جسمن جا مختلف حصا دوائن ۾ به استعمال ٿين ٿا.
- حيوان، ڪيترن قسمن جي وڻن ۽ ٻوٽن کي ڦَرائڻ (Pollination) ۽ انهن جا ٻج هڪ هنڌان ٻئي هنڌ پهچائي انهن جي واڌ ويجهه ۽ فصلن جي پيداوار جو سبب بڻجن ٿا.
- پالتو جانورن مان اسان کير، اُن، چمڙو بيدا ۽ گوشت حاصل ڪريون ٿا ته اهي اسان لاءِ هر هلائڻ ۽ سامان ڍوئڻ جوڪم به ڪن ٿا.

پاڪستان جي پنهنجي خاص جاگرافيائي بيهڪ هجڻ سبب اهو ڪيترن مختلف قسمن جي جانورن جو مسڪن/گهر آهي. گوناگوجيوت جي قومي حڪمت عملي مطابق پاڪستان ۾ ٿڻائتن جانورن جا 174 قسم آهن. پکين جي جملي 9000 قسمن مان پاڪستان ۾ 668 قسم ٿين ٿا، ريڙهيون پائيندڙ جانورن جي 650 قسمن مان پاڪستان ۾ 177 قسم ملن ٿا. مڇيءَ جي جملي 2600 قسمن مان پاڪستان ۾ 986 قسم آهن جن ۾ سامونڊي ۽ مٺي پاڻيءَ جا سمورا ۽ متعارف ڪرايل قسم بہ موجود آهن. (3)

## حيوانات ۽ اسلامي تعليم

جانورن جي پيدائش ۽ انهن جي بچاءُ بابت قرآن پاڪ ۽ رسول الله ﷺ جي تعليم ۾ ڪيترائي ارشاد موجود آهن. الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

وَالْاَنْعَامَ خَلَقَهَا ۚ لَكُمْ فِيْهَا دِفْءٌ وَّمَنَافِعُ وَمِنْهَا تَاْكُلُوْنَ ۝٥ وَلَكُمْ فِيْهَا جَمَالٌ حِيْنَ تُرِيْحُوْنَ وَحِيْنَ تَسْرَحُوْنَ ۝٦ وَتَحْمِلُ اَثْقَالَكُمْ اِلٰى بَلَدٍ لَّمْ تَكُوْنُوْا بٰلِغِيْهِ اِلَّا بِشِقِّ الْاَنْفُسِ ۭ اِنَّ رَبَّكُمْ لَرَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ۝٧ وَّالْخَيْلَ وَالْبِغَالَ وَالْحَمِيْرَ لِتَرْكَبُوْهَا وَزِيْنَةً ۭ وَيَخْلُقُ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ـ (النحل : ٥،٨)

”۽ الله چوپاين کي پيدا ڪيو. انهن جي (کل ۽ اُن) ۾ توهانجيءَ گرميءَ جو ڪارڻ آهي ۽ ٻيا بہ ڪيترن قسمن جا فائدا آهن ۽ انهن مان (ڪجھ) توهان کائو ٿا ۽ توهان لاءِ انهن ۾ خوبصورتي آهي. جڏهن شام جو چارائي آڻيو ٿا ۽ جڏهن چارڻ وٺي وڃو ٿا ۽ توهانجا بار انهن شهرن تائين ڍوئي هلن ٿا جن تائين توهان وڏيءَ تڪليف سان پهچو ٿا. بيشڪ توهانجو رب وڏو رحمان ۽ رحيم آهي ۽ گهوڙا پيدا ڪيائين ۽ خچر ۽ گڏھ تہ توهان انهن تي سواري ڪريو ۽ توهانجي خوبصورتيءَ جو ذريعو ٿين ۽ الله پيدا ڪري ٿو جنهن جي توهانکي ڄاڻ ناهي“.

انهن آيتن مان انساني حياتيءَ لاءِ جانورن جي وڏي فائدي جي خبر پوي ٿي. رسول ڪريم ﷺ جن ضرورت کانسواءِ جانورن کي مارڻ جي سختيءَ سان منع ڪئي آهي. پاڻ ﷺ فرمايائون:

مَنْ قَتَلَ عُصْفُوْراً عَبَثًا عَجَّ اِلیٰ اللّٰہِ عَزَّوجَلَّ یومَ الْقِیَامَۃِ یَقُوْلُ: یَا رَبِّ اِنَّ فُلَانًا قَتَلَنِیْ عَبَثًا وَّ لَمْ یَقْتُلْنِیْ لِمَنْفَعَۃٍ

(سنن النسائی ٤٤٤٦ : کتاب الضحایا ٤٣ : باب من قتل عصفورا بغیر حقھا ٤٢)

”جنهن بہ ڪنهن جهرڪي کي ناحق ماريو تہ اها قيامت جي ڏينهن الله سان شڪايت ڪندي ۽ چوندي تہ اي منهنجا رب، فلاڻي مونکي اجايو قتل ڪيو. مونکي انهي ڪري نہ ماريو تہ مون مان فائدو وٺي.“

اهڙيءَ ريت پاڻ ﷺ ارشاد فرمايو:

لَا تَتَّخِذُوْا شَيْئًا فِيْهِ الرُّوْحُ غَرَضًا (سنن النسائی ٤٤٤٧ : کتاب الضحایا ٤٣، باب النھی عن المجثمۃ ٤١)

”ڪنهن بہ ساهواري کي اجايو نشانو بڻائي نہ ماريو وڃي.“

اهڙي ريت هڪ حديث مبارڪ ۾ آهي:

اَقِرُّو الطَّيْرَ عَلٰى مِكْنَاتِهَا (ابوداؤد ٢٨٣٥، کتاب الأضاحی ١٠، باب فی العقیقۃ ٢١)

”پکين کي انهن جي آکيرن ۽ واهيرن ۾ آرام سان رهڻ ڏنو وڃي.“

انهن حديثن مان اسانکي ان ڳالھ جي خبر پوي ٿي تہ رڳو دل خوش ڪرڻ لاءِ جانورن کي نہ مارڻ گهرجي ۽ انهن کي مارڻ اسلامي تعليم جي خلاف آهي. بي اعتداليءَ سان شڪار ڪرڻ ڪري جهنگلي حيات جي بقا خطري ۾ پئجي سگهي ٿي، جنهن جي اجازت قرآن ۽ حديث ۾ موجود ناهي. ان تعليم جو تت هي آهي تہ، شڪار جا جيڪي جديد طريقا متعارف ڪيا ويا آهن ۽ جن سان غير ضروري طور تي آبي حيات ۽ پکين جي بربادي ٿئي ٿي، اهي اسلام جي لحاظ کان درست ناهن.

باب ڇهون

# ماحول جي صفائيءَ اسلامي تعليم

## طهارت ۽ پاڪائي جو مفهوم

ڪائنات جي خلقڻهار انسان جي پيدائش احسن طريقي سان ڪئي آهي. ارشاد باري تعاليٰ آهي:

لَقَدۡ خَلَقۡنَا الۡاِنۡسَانَ فِیۡۤ اَحۡسَنِ تَقۡوِیۡمٍ ۫﴿۴﴾ (التين : ۴)

”اسان انسان کي بهترين بناوت سان ٺاهيو.“

’احسن تقويم‘، هڪ جامع ترڪيب آهي جنهن ۾ انسان جي پيدائش، ان جي ظاهري ۽ لڪل خوبين، اهو فطري ماحول جنهن ۾ سندس جنم ٿيو جهڙن سيني پهلوئن کي شامل ڪري سگهجي ٿو. ان ترڪيب (احسن تقويم) جي ضرورتن کي پوري ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته انسان، فطرت جي ويجهو رهندي پاڻ به پاڪيزگيءَ جا اصول اختيار ڪري ته پنهنجي آسپاس کي به پاڪ صاف رکي. اسلام جي بين نظامن وانگر ان جي پاڪائي ۽ ماحول جي صفائي جو سرشتو به الله تعاليٰ جي حڪمن ۽ رسول الله ﷺ جي تعليم جو اهم موضوع آهي.

اسلام ۾ طهارت ۽ پاڪائي جي اهميت جو اندازو هن ڳالھ مان لڳائي سگهجي ٿو ته عبادت گاھ جي طهارت ۽ پاڪائي ڪانسواءِ ڪا به جسماني

عبادت قابل قبول ناهي. ان حوالي سان اسلامي فقہ جي ڏگهي بحث تي ٻڌل باب، ”جسم ۽ ماحول جي صفائي“ بابت ڪجهہ تفصيل بيان ڪجن ٿا.

طهر جو ضد دَنس (دَ ن س) آهي، جنهن جي معنيٰ مير ۽ ڪچرو وغيره آهي، جڏهن تہ طهور اها شئي آهي جيڪا مير، ڪچري ۽ گندگيءَ کان پاڪ صاف هجي يا ٻين لفظن ۾ گند ۽ غلاظت جي احساس کان پاڪ هجي. ارشاد باري تعاليٰ آهي:

وَ سَقٰهُمْ رَبُّهُمْ شَرَابًا طَهُوْرًا ۔ (الدھر: ۲۱)

” ۽ سندن پالڻهار انهن (جَنتين) کي بلڪل پاڪيزه شراب پياريندو.“

قرآن مجيد مطابق حضرت ابراهيم عليہ السلام کي خاص هدايت ڪئي وئي هئي تہ هو الله جي گهر (خانہ ڪعبہ) کي صاف سٿرو رکي. ارشاد ٿئي ٿو:

وَاِذْ بَوَّاْنَا لِاِبْرٰهِيْمَ مَكَانَ الْبَيْتِ اَنْ لَّا تُشْرِكْ بِیْ شَيْـًٔا وَّ طَهِّرْ بَيْتِیَ لِلطَّآئِفِيْنَ وَ الْقَآئِمِيْنَ وَالرُّكَّعِ السُّجُوْدِ ۔ (الحج: ۲۶)

”۽ جڏهن اسان ابراهيم لاءِ خانہ ڪعبہ جي جاءِ مقرر ڪئي ۽ کيس حڪم موڪليو تہ مون سان ڪنهن شئي کي شريڪ نہ ڪجانءِ ۽ منهنجو (هي) گهر طواف ڪندڙن ۽ (نماز ۾) بيهندڙن ۽ رڪوع/ سجدي ڪندڙن لاءِ صاف سٿرو رکجانءِ.“

قرآن مجيد اهو حڪم بہ ڏنو آهي تہ اهل ايمان پاڪ شيون ڪاڌي طور استعمال ڪن.

ارشاد ٿئي ٿو:

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا كُلُوْا مِنْ طَيِّبٰتِ مَا رَزَقْنٰكُمْ (البقرہ: ۱۷۲)

”اي ايمان وارؤ! جيڪي پاڪيزه شيون اسان توهانکي عطا ڪيون آهن اهي کائو.“

لغت جا ڄاڻو طيب ان شئي کي سڏين ٿا جيڪا خوشگوار، پاڪيزه ۽ حلال هجي. بَلدة طيبة (سبا: 15) اهڙي شهر کي چون ٿا جيڪو زرخيز، دلڪش ۽ صاف سٿري ماحول وارو هجي.

رسول ڪريم ﷺ کي الله طرفان شروعاتي وحيءَ ۾ هدايت ڪئي وئي هئي تہ:

وَثِيَابَكَ فَطَهِّرْ۔ وَ الرُّجْزَفَاهْجُرْ (المدثر: ۴،۵)

”پنهنجيءَ پوشاڪ کي پاڪ صاف رک ۽ هر قسم جي گندگيءَ کان پري رھ.“

الله تعاليٰ اهي ٻانها پسند ڪري ٿو جيڪي توبه ڪندڙ ۽ پاڪ صاف رهندڙ ٿين ٿا. ارشاد آهي:

اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ التَّوَّابِيْنَ وَيُحِبُّ الْمُتَطَهِّرِيْنَ ۔ (البقره: ۲۲۲)

”بيشڪ، الله تعاليٰ توبه ڪندڙن ۽ سترائي رکندڙن کي پسند ڪري ٿو.“

مٿين آيت ۾ ’متطهر‘ لفظ مان صاف ظاهر ٿئي ٿو تہ الله تعاليٰ جي رحمت ۽ شفقت جا اهي ئي حقدار ٿي سگهن ٿا جيڪي پنهنجي ظاهر ۽ باطن کي هر قسم جي غلاظت، گندگيءَ ۽ پليتائي کان پاڪ صاف رکن ٿا. قرآن مجيد مطابق الله تعاليٰ صحابين سڳورن جي ان ٽولي کي خاص طور تي آفرين ڏني آهي جيڪي جسماني پاڪائيءَ جو خاص خيال رکندا هئا. ارشاد باري تعاليٰ آهي:

فِيْهِ رِجَالٌ يُّحِبُّوْنَ اَنْ يَّتَطَهَّرُوْا ؕ وَاللّٰهُ يُحِبُّ الْمُطَّهِّرِيْنَ (التوبہ: ۱۰۸)

”هن (مسجد قبا) ۾ اهڙا ماڻهو آهن جيڪي پاڪ صاف رهڻ پسند ڪن ٿا ۽ الله پاڪيزگي ڪندڙن کي پسند ڪري ٿو.“ الله جي نبيءَ پنهنجي سر صحابين سڳورن جي ان ٽولي کي الله تعاليٰ پاران سندن آفرين ڏيڻ تي آگاهه ڪيو.

اسلام ۾ رڳو بدني/ذاتي صفائي کي ڪافي نہ ٿو سمجهيو وڃي پر گهرن، پاڙي، شهر ۽ پسگردائي کي پاڪ صاف رکڻ قرآن مجيد جي لحاظ کان،

اعليٰ درجي جي نعمتن مان، الله تعاليٰ جي هڪ تمام وڏي نعمت آهي. ارشاد رباني آهي:

وَيُنَزِّلُ عَلَيْكُمْ مِّنَ السَّمَآءِ مَآءً لِّيُطَهِّرَكُمْ بِهٖ (الانفال: ١١)

” ته جيئن ان مان توهان (۾ توهانجين وسندين کي) پاڪ صاف ڪري ڇڏي.“

اسان ڏسون ٿا ته ڪيئن نه مينهن جو پاڻي سيني وڻن ۾ گهرن جي ٻاهرين مٿاڇرن کي ڌوئي اڇو اجرو ڪري ڇڏي ٿو. زور سان وهندڙ پاڻي گهٽين ۾ نالين جي سڄي گندگي ۾ غلاظت وهائيندو وڃي ٿو. مطلب ته، شهرن جي سڄي گندگي مينهن جي پاڻيءَ سان ڌوپجي وڃي ٿي.

## رسول الله ﷺ جو عملي مثال

رسول خدا ﷺ جن جي ذات بابرڪات قرآن مجيد جو عملي تفسير ۽ انسانيت جي لاءِ مڪمل نمونو آهي. پاڻ ﷺ جن ظاهر ۽ باطن جي پاڪيزگيءَ جي لحاظ کان سموري امت جي لاءِ بهترين مثال آهن. پاڻ ﷺ جن پنهنجي جسم، پوشاڪ، ڪاڌي، ٿانوَن، گهر ۾ ماحول وغيره ۾ صفائي ۾ پاڪيزگي جو هر لحاظ کان خيال رکندڙ هئا ۽ پنهنجن پوئلڳن کي هميشه ان جي تاڪيد ڪندا هئا. گندگي ۾ تڪليف ڏيندڙ ماحول کي ختم ڪرڻ جي اهميت جو اندازو هن ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته پاڻ ﷺ جن ايمان جون سٺ يا ستر کان ڪجهه وڌيڪ شاخون بيان فرمايون آهن جن مان هڪ شاخ، گس تان تڪليف ڏيندڙ شئي هٽائي پري ڪرڻ به آهي. پاڻ ڪريم ﷺ جن جو ارشاد آهي:

**اَلْاِيْمَانُ بِضْعٌ وَّ سِتُّوْنَ اَوْ سَبْعُوْنَ بَابًا أَدْنَاهَا اِمَاطَةُ الْاَذٰى عَنِ الطَّرِيْقِ، وَاَرْفَعُهَا قَوْلُ (لَآاِلٰهَ اِلَّااللّٰهُ) وَالْحَيَاءُ شُعْبَةٌ مِّنَ الْاِيْمَانِ**

**(سنن ابن ماجه ٥٧: مقدمه، باب في الايمان ٩)**

”ايمان جا سٺ يا ستر کان ڪجهه مٿي دروازا آهن، جن ۾ سڀ کان ادنيٰ دروازو تڪليف ڏيندڙ شئي کي رستي تان پري ڪرڻ ۽ سڀ کان اعليٰ دروازو، لااله الله پڙهڻ آهي ۽ حياءُ به ايمان جي هڪ شاخ آهي.“

ڪنهن ماڻهوءَ جا وار وکريل يا ننهن وڏا هوندا هئا ته رسول ڪريم ﷺ جن سخت ناراضگي جو اظهار ڪندا ۽ اهڙي ماڻهوءَ کي جلد پنهنجي حالت ٺيڪ ڪرڻ جو حڪم ڏيندا هئا.

**عَنْ جَابِرِ بْنِ عبداللّٰهِ، قَالَ: أَتَانَا رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ فَرَأَىْ رَجُلًا شَعِثًا قَدْ تَفَرَّقَ شَعْرُهُ، فَقَالَ: "أَمَا كَانَ يَجِدُ هٰذَا مَا يُسَكِّنُ بِهِ شَعْرُهُ"؟ وَرَأَى رَجُلًا آخَرَ وَ عَلَيْهِ ثِيَابٌ وَ سِخَةٌ فَقَالَ: "أَمَا كَانَ هٰذَا يَجِدُ مَا يَغْسِلُ بِهِ ثَوْبَهُ**

**(سنن ابى داؤد ٤٠٦٢ : كتاب اللباس ٢٦ باب فى الخلقان و فى غسل الثواب ١٧)**

"حضرت جابر رضہ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن نبي ڪريم ﷺ جن اسان سان ملڻ جي لاءِ اسان وٽ رونق افروز ٿيا. پاڻ ڪريم ﷺ جن ڏٺو ته هڪ ماڻهو مٽي ۽ ڌوڙ ۾ ڀيوت ۽ سندس وار وکريل آهن. پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو: "ڇا وٽس ڪا به ڦڻي ناهي ته پنهنجن وارن کي سنواري سگهي". ۽ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي هڪ ٻئي شخص تي نظر پئي جنهن جا ڪپڙا انتهائي گندا هئا. پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو: "وٽس اها شئي به موجود ناهي جنهن سان هو پنهنجا ڪپڙا ڌوئي صاف ڪري سگهي":

پاڻ ڪريم ﷺ جن ٿوم ۽ بصر جهڙيون شيون کائي مسجد ۾ اچڻ کي سخت ناپسند فرمائيندا هئا.

پاڻ ڪريم ﷺ جن جو ارشاد آهي:

**مَنْ اَكَلَ مِنْ هٰذِهِ الشَّجَرَةِ الثُّوْمِ فَلَا يُؤْذِيْنَا بِهَا فِيْ مَسْجِدِنَا هٰذَا**

**(سنن ابن ماجه ١٠١٥ : كتاب اقامة الصلوة (٥) باب من اكل الثوم فلا يقربن المسجد ٥٨)**

"جيڪو ٿوم کائي، ته اهو (اسان جي مسجد ۾ اچي) اسانکي ان جي اذيت نہ ڏئي."

انهيءَ ڪري پاڻ ڪريم ﷺ جن جي دور ۾ هر انسان، صفائي ۽ پاڪائي جو تمام گهڻو خيال رکندو هو، جنهن سان عام طور تي ماڻهن جي صحت درست رهندي هئي ۽ بيماريون نہ پکڙبيون هيون.

ماحول کي صاف سٿرو رکڻ اسانجو مذهبي فرض آهي. حديث ۾ اهڙن گهرن ٺاهڻ کان منع ڪئي وئي آهي جن سان پاڙيسرين جي گهرن کي صاف ۽ تازي هوا پهچي نہ سگهي. رسول اڪرم ﷺ جن ميوا کائي انهن جون کلون سرعام ٻاهر اڇلڻ کان بہ منع فرمايو آهي جو انهن سان ڪچرو ۽ گندگي پکڙبي. ائين جيڪڏهن هر هنڌ گند ڪچرو اڇلائبو رهجي تہ ان سان جيوڙا، مکيون ۽ مڇر پيدا ٿيندا، ماڻهن ۾ بيماريون پکڙبيون ۽ ڪين اهنجن جو منهن ڏسڻو پوندو. هل ۽ گوڙ بہ ماحول جي غلاظت جو ڪارڻ آهي. هر طرف هلندڙ گاڏيون هڪ پاسي کان جيڪڏهن دونهون خارج ڪري ماحول کي غليظ ڪن ٿيون تہ ٻئي پاسي تمام تيز هارن وڄائي ڪنن جا پردا ڦاڙين ۽ دل ۽ دماغ متاثر ڪري ڇڏين ٿيون. قرآن مجيد جي سورت هود آيت 27 موجب اعتدال جي حد کان وڌيڪ هل ۽ گوڙ (الصيحة) الله جو عذاب آهي جنهن سان قومن کي تباهہ ڪيو ويو آهي.

لاشڪ، ماحول جي غلاظت جو مسئلو اڄوڪي دور جي مسئلن منجهان هڪ اهڙو تمام وڏو ۽ خطرناڪ مسئلو آهي جنهن سبب سڄي دنيا ان ۾ ڦاٿل آهي. انساني آباديءَ ۾ ٿيندڙ واڌ سبب وڏا وڏا شهر وجود ۾ آيا آهن. هر هنڌ گندگي جا ڍير نظر اچي رهيا آهن. گند ڪچري کي لاپرواهي سان گسن ۽ رستن تي اڇلائڻ، پلاسٽڪ جي ٿيلهن جا انبار، ڪارخانن ۽ مِلين جو دونهون، گاڏين جو گوڙ ۽ دونهون وغيره سڀ ماحول جي غلاظت پيدا ڪرڻ جا سبب آهن. وسيلن جي ناانصافيءَ سان ٿيندڙ ورڇ ۽ انهن جي حاصل ڪري سگهڻ جا هڪجهڙا موقعا نہ هجڻ، گڏيل مفادن بجاءِ انفرادي پهلوئن ۽ معاملن کي وڌيڪ اهميت ڏيڻ، زيان ۽ حد کان وڌيڪ کپت ۽ خرچ جهڙين ڳالهين سبب زندگيءَ ۾ اهڙا مسئلا اڄان بہ وڌيڪ گنڀير ٿيندا پيا وڃن.

## اختصار:

مٿي ذڪر ڪيل اسلامي تعليم جي روشني ۾ اسان تي فرض ٿئي ٿو تہ اسان، انفرادي ۽ اجتماعي طور تي طهارت ۽ پاڪائي جو خاص خيال رکون. انهيءَ ڪري تہ اسانکي الله ۽ ان جي رسول ﷺ ان جو حڪم ڏنو آهي ۽ اهي

اسانجي مذهبي فرضن ۾ شامل آهن. اسانکي گهرجي ته اسان پاڪٽي، پنهنجي پوشاڪ، گهر، پاڙي، شهر ۽ ماحول کي صاف سٿرو رکون. اسان پنهنجي گهر جو گند ۽ ٻُهر گهٽين ۾ نه اڇلايون، دونهون ڏيندڙ موٽر گاڏيون ٺيڪ ڪرايون. صنعتي قوڪ کي ٽانيڪي ڪرڻ لاءِ درست رٿابندي ڪريون، پنهنجن واهن، دريائن ۽ سامونڊي ڪنارن کي غلاظتن کان بچايون.

وڻ ۽ ٻيلا اسانجو قيمتي سرمايو آهن جن سان اسانجو ماحول صاف رهي ٿو ۽ ساهه کڻڻ لاءِ تازي هوا ملندي رهي ٿي، تنهنڪري اسانکي انهن جي خاص حفاظت ڪرڻ کپي. انهيءَ ڪانسواءِ نوان ٻيلا هٽڻ ڏانهن ڌيان ڏرڻ گهرجي. مختصراً ته، اسانکي صحت جي سلامتيءَ لاءِ اسلامي اصولن تي سختيءَ سان عمل ڪرڻ گهرجي. ائين ڪرڻ سان ماحولياتي غلاظت پنهنجو پاڻ ختم ٿي ويندي. جنهن جي نتيجي ۾ اسان دنيا ۾ سٺي ۽ سهج زندگي گذاري سگهنداسين ته آخرت ۾ الله تعاليٰ جي آڏو سرخرو به ٿينداسين.

## باب ستون

# سياحت ۽ اسلامي تعليم

اها انسان جي فطرت رهي آهي تہ هو مختلف هنڌن تي حرڪت ڪندو رهڻ چاهي ٿو. سندس اهڙي حرڪت ڪڏهن انفرادي ٿئي تہ ڪڏهن اجتماعي. قرآن پاڪ جي اصطلاح ۾ ان جي بامقصد سفر ڪي، 'سير في الارض' سڏيو ويو آهي.

اَفَلَمۡ يَسِيۡرُوۡا فِى الۡاَرۡضِ فَيَنۡظُرُوۡا كَيۡفَ كَانَ عَاقِبَةُ الَّذِيۡنَ مِنۡ قَبۡلِهِمۡ (يوسف : ١٠٩)

”ڇا هي ماڻهو زمين تي نہ ڦريا (جيڪڏهن ڦرن ها) تہ ڏسن ها تہ اڳئين ماڻهن جي ڪهڙي پڇاڙي ٿي.“

اَفَلَمۡ يَسِيۡرُوۡا فِى الۡاَرۡضِ فَتَكُوۡنَ لَهُمۡ قُلُوۡبٌ يَّعۡقِلُوۡنَ بِهَاۤ اَوۡ اٰذَانٌ يَّسۡمَعُوۡنَ بِهَا (الحج : ٤٦)

”ڇا اهي ماڻهو زمين ۾ نہ ڦريا جيڪڏهن ڦرن ها تہ سندن دليون اهڙيون ٿي وڃن ها جو اهي سمجهي وڃن ها يا سندن ڪن اهڙا ٿي وڃن ها جو ٻڌي سگهن ها.“

قَدۡ خَلَتۡ مِنۡ قَبۡلِكُمۡ سُنَنٌ فَسِيۡرُوۡا فِى الۡاَرۡضِ (آل عمران : ١٣٧)

”توهان کان اڳ ۾ اهڙا واقعا ٿي چڪا آهن، توهان زمين جو سير ڪريو.“

قُلۡ سِيۡرُوۡا فِى الۡاَرۡضِ فَانۡظُرُوۡا كَيۡفَ بَدَاَ الۡخَلۡقَ (العنكبوت : ٢٠)

”زمين ۾ ڦرو ۽ ڏسو تہ الله تعاليٰ پيدائش ڪيئن ڪئي.“

5. سورت الڪهف (آيت 60-82) ۾ حضرت موسيٰ عليہ السلام ۽ ان جي خاص خادم جو ٻن سمنڊن جي ميلاپ واري هنڌ تائين سفر جو ذڪر ۽ سورت القصص (آيت 22-28) ۾ پاڻ سڳورن ﷺجن جي مديني جي سفر جو ذڪر ته سورت الڪهف (آيت 83-98) ۾ ذوالقرنين جي اڀرڻ ۽ لهڻ جي هنڌن ۽ ملڪ ياجوج ۽ ماجوج ڏانهن سفر جو ذڪر سياحت جا روشن مثال آهن.

مٿي ذڪر ڪيل آيتون ان ڳالھ جي نشاندهي ڪن ٿيون ته سير في الارض (سياحت) رڳو تفريح طبع ڪرڻ لاءِ نہ آهي. بلڪ ان جي پٺيان اهي اعليٰ مقصد هئڻ گهرجن، جن ڏانهن مٿين آيتن ۾ واضح اشارو ڏنل آهي. اهي آيتون وڏيڪ ان ڳالھ جي بہ وضاحت ڪن ٿيون تہ سياحت ۾ فساد جو ڪو بہ پهلو هرگز شامل نہ هجي. توڙي جو اهو انفرادي هجي يا اجتماعي. ان ڪانسواءِ انهن آيتن ۾ سياحت ڪي مشاهدي ڪرڻ ۽ تاريخ مان سبق سکڻ جو ذريعو سمجهڻ ڏانهن بہ اشارو مليل ٿو.

پراڻي دور کان وٺي ماڻهن جو ٻين ملڪن ڏانهن سفر، انفرادي ۽ اجتماعي طور اقتصادي فائدن لاءِ چونگ/ مهميز جو ڪم ڏيندو رهيو آهي. ان سان نہ رڳو علم ۽ ڏاهپ جي متاستا ڪرڻ ۽ ان کي وڌائڻ ۾ مدد ملي آهي تہ ان رستي مختلف قومن وچ ۾ وٽج واپار ۽ شين جي ڏي وٺ جو سلسلو بہ سدائين هلندورهيو آهي، جنهن سان قومن جي معاشي حالت جي بهتري ٿيندي رهي آهي. جديد دور ۾ تہ سياحت (ٽوئرزم) هڪ صنعت (انڊسٽري) جي صورت اختيار ڪري چڪي آهي، جنهن سبب مختلف ملڪ اهڙيون ڪوششون ڪري رهيا آهن تہ جيئن هو پنهنجن علائقن کي دلڪش بڻائي سياحن کي اچڻ لاءِ موهي ملڪي ناڻي وڌائڻ جو هڪ وڏيڪ ذريعو پيدا ڪري سگهن.

پاڪستان تي قدرت جو عظيم احسان آهي جو ان کي اترين جابلو علائقن جهڙن سهڻن علائقن سان نوازيو آهي. جيڪي فطري سونهن سوڀيا سان مالامال ۽ سير توڙي تفريح / سياحت لاءِ انتهائي دلڪش آهن، جنهن سبب سڄي دنيا

جا سيلاني ۽ سياح هن پاسي رخ ڪن ٿا. ان سان مختلف قومن جي ماڻهن سان ملڻ جلڻ جو موقعو ملي ٿو ته ملڪي ۽ مقامي آباديءَ لاءِ به آمدنيءَ جو هڪ ذريعو ٿئي ٿو. سياحن جي اچڻ وڃڻ سان مقامي ماڻهن کي روزگار جا موقعا ملن ٿا. هتان جا مقامي ماڻهو هونئن ئي وڏي خلوص وارا ۽ محبتي آهن، جنهن سبب سياح هڪ سٺو تاثر کڻي ورن ٿا جنهن سان ملڪ جي ڏيهان ڏيهه نيڪ نامي به ٿئي ٿي.

جيئن اسان سيني کي خبر آهي ته سياحت کي زور وٺرائڻ لاءِ ٻن شين جو هجڻ تمام ضروري آهي. 1. خوشگوار ۽ پرڪشش قدرتي ماڳ مڪان ۽ 2. مثبت روين تي ٻڌل معاشرتي ماحول. انهن ٻنهي جو پاڻ ۾ گهرو لاڳاپو آهي ڇاڪاڻ ته، سياح ان پاسي وڃڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ پسند ڪن ٿا جتي ڪين صاف ۽ پرسڪون قدرتي ماحول ملي ۽ مقامي ماڻهن جو ساڻن رويو دوستي ۽ عزت احترام وارو هجي. جتي امن امان جي صورتحال نهايت خراب ۽ مقامي آبادي جي روش غير مهذب هجي ته اهڙن پاسن ڏانهن سياح وڃڻ کان لهرائين ٿا.

سياحت جي مٿين فائدن ۽ هاڪاري پهلوئن کي آڏو رکندي، اسانکي گهرجي ته سياحت جي صنعت کي ملڪي ۽ مقامي مفادن خاطر زور وٺرائڻ ۽ ترقي ڏيارڻ جي ڪوشش ڪريون. اهڙين روين ۽ حرڪتن کان پاسو ڪريون جيڪي سياحن لاءِ دل آزاريندڙ ثابت ٿيندڙيون هجن. ڇو ته اهڙي قسم جا رويا مهمانن لاءِ ٻڌايل اسلامي اصولن جي خلاف آهن. قرآن مجيد مطابق مهمانن جي عزت ۽ احترام ڪرڻ پيغمبرانه وڙ رهيو آهي. جڏهن فرشتا، حضرت ابراهيم ع وٽ انساني صورت ۾ مهمان جي حيثيت ۾ آيا ته ڪين نه سڃاڻندي به پاڻ ڪين تريل وهڙو پيش ڪيو (عِجۡلٍ حَنِيۡذٍ) (هود: 69) اهڙي ريت جڏهن ساڳيا فرشتا انساني صورت ۾ حضرت لوط عليہ السلام جي خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ سندن قوم بداخلاقي جو مظاهرو ڪندي ڪين تنگ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته لوط عليہ السلام فرمايو:

فَاتَّقُوا اللّٰهَ وَلَا تُخۡزُوۡنِ فِیۡ ضَیۡفِیۡ (هود: ٧٨)

”الله کان ڊڄو ۽ مونکي منهنجن مهمانن جي باري ۾ رسوا نہ ڪريو.“

رسول اڪرم ﷺ جن مهمانن جو حد کان وڌيڪ احترام ڪندا هئا. سندن ارشاد آهي:

مَنْ کَانَ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ فَلْيُکْرِمْ ضَيْفَهُ

(صحيح بخاری ٦٠١٨: کتاب الادب ٧٨: باب من کان يؤمن باللّٰهِ والْيَوْمِ الْاٰخِرِ فَلَا يؤذ جاره)

جيڪو بہ الله ۽ آخرت جي ڏهاڙي تي ويساهہ رکي ٿو ڪيس گهرجي تہ پنهنجن مهمانن تي ڪرم ڪري.“

سياحن ۾ عام طور ڪيترا غير مسلم بہ پاڪستان ڏانهن اچن ٿا جنهن لاءِ هو پاڪستان سرڪار کان باقاعدي اجازت (ويزا) وٺن ٿا. تنهنڪري اها پاڪستانين جي ذميواري بڻجي ٿي تہ هو انهن جي مڪمل حفاظت ڪن ۽ ڪين ڪو بہ جوکو رسڻ نہ ڏين. پاڪستانين جو سٺو رويو اسانجي دين ۽ ملڪ جي حق ۾ فائديمند ثابت ٿيندو. ارشاد باري تعاليٰ آهي:

وَاِنْ اَحَدٌ مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ اسْتَجَارَكَ فَاَجِرْهُ حَتّٰى يَسْمَعَ كَلٰمَ اللّٰهِ ثُمَّ اَبْلِغْهُ مَاْمَنَهٗ (التوبہ: ٦)

جيڪڏهن مشرڪن مان ڪو اوهان کان پناهہ گهري تہ ڪيس پناهہ ڏيو، ايستائين جو هو الله جو ڪلام ٻڌي پوءِ ڪيس امن واري جاءِ تي پهچايو.“

رسول اڪرم ﷺ جن وٽ جڏهن نجران جو عيسائي وفد مديني آيو تہ پاڻ انهن جو بي حد احترام ڪيائون ۽ ڪين مسجد نبوي ۾ رهاياؤن.

ملڪي يا غير ملڪي سياح جي حيثيت هڪ مسافر جيان ٿئي ٿي. تنهنڪري مقامي ماڻهن تي ديني فرض ٿئي ٿو تہ سندس حفاظت ڪن ۽ گهربل سهولتون اوس ڏيڻ جي ڪوشش ڪن. اها ئي قرآني تعليم ۽ اهوئي پيغمبرانہ رويو آهي. سياحت ۽ لڏپلاڻ جي حوالي سان ان جا ڪجهہ ناڪاري اثر بہ پون ٿا جو ان سبب گوناگوجيوت لاءِ ڪيترا خطرا پيدا ٿين ٿا. انهي ڪانسواءِ سياح، هنڌين ماڳين گند ڪچرو بہ اڇلائين ٿا تہ پاڻيءَ جي ذخيرن کي ڪني ڪرڻ کان بہ پرهيز نہ ٿا ڪن. سندن اهڙو رويو مهذب اصولن جي ابتڙ آهي. بين الاقوامي

طور تي مجيل قاعدن قانونن پٽاندڙ سياحن تي فرض ٿئي ٿو تہ هو ماحول جي صفائي جو خيال ڪن ۽ آس پاس جي ماڻهن لاءِ پريشانيءَ جو سبب نہ بڻجن. مٿن اهو بہ فرض ٿئي ٿو تہ هو مقامي روايتن ۽ مذهبي جذبن جو خيال رکندي اهڙن ڪمن کان پاسو ڪن جيڪي ميزبانن جي دل آزاري جو ڪارڻ بڻجن. مقامي ماڻهن کي گهرجي تہ هو ان سلسلي ۾ پاڻ هڪ مثال بڻجڻ جي ڪوشش ڪن. اهڙن عملن ۽ روين اختيار ڪرڻ سان غيرمقامي سياح بہ مناسب رويو اختيار ڪرڻ جي رغبت حاصل ڪندا.

# مددي ڪتاب


قرآن مجيد

صحيح بخاري، محمد بن اسماعيل بخاري، دارالفڪر بيروت، 1994.

صحيح مسلم، ابوالحسين مسلم بن حجاج القشيري، مڪتبہ اسلاميہ، استنبول.

الجامع الصحيح، ابوعيسيٰ محمد بن عيسيٰ ترمذي (تحقيق: احمد شاڪر) دارالڪتب العلميہ، بيروت

سنن، ابوعبدالله محمد بن يزيد القزويني، ابن ماجہ (تحقيق: محمد فواد عبدالباقي) دارالفڪر، بيروت

سنن، ابودائود سليمان بن الاشعث سجستاني، دارالحديث، بيروت، 1969.

سنن نسائي، ابو عبدالرحمان احمد بن شعيب النسائي (تحقيق: عبدالفتاح ابوغده) مڪتب المطبوعات اسلاميہ، حلب، 1930ع مسند الامام احمد بن حنبل، دارالڪتب العلميہ، بيروت، 1978.

1. Cunningham, W.P, and Barbara, W.S. 1999. Environmental Sciences: A Global Concern. 5th Edition McGraw-Hill Co. Inc. New York
2. FAO. 1982 The State of Food and Agriculture, Rome.
3. Government of Pakistan, IUCN and WWF-P. 2000. Biodiversity Action Plan for Pakistan. Imprint Pvt. Ltd. Rawalpindi, Pakistan.
4. Government of Pakistan, IUCN-P. 1992. The National Conservation Strategy. 1 Bath Island Road, Karachi.
5. Government of Pakistan. 1992 Forestry Sector Master Plan.
6. IUCN 1986. Managing Protected Areas in the Tropics, (John M. and Kathy M., Graham, C. and Jim, T. Eds.) IUCN, Gland, Switzerland.
7. IUCN. 1997 United Nations List of Protected Areas, 1998.
8. Jenik, J. 1979. Pictorial Encyclopedia of Forests. Hamlyn - London.
9. Mears, B. Jr. 1970. The Changing Earth - An Introductory Geology. Van Mostrand Reinhold Company. New York.
10. Silver, C.S and R.S. DeFrics. 1990. One Earth, One Future. National Academy Press, Washington, D.C.
11. Nicholoson, N. 1976. The Himalayas, Time Life International, Netherlands.

# شڪرگذاري

ادارو خاص طور تي هيٺين عالمن جو نهايت شڪرگذار آهي، جن هن ڪتابڙي جو مواد پڙهيو ۽ پنهنجن قيمتي راين سان نوازيو.

ڊاڪٽر سيد سلطان شاهہ صاحب، شعبہ اسلامي علوم، گورنمينٽ ڪاليج، لاهور * ڊاڪٽر احمد خان، اسلام آباد ڪاليج براءِ طلباء، اسلام آباد * جناب مولانا حبيب الله، لاسپور (چترال) * جناب الواعظ زرمست خان لاسپور (چترال) * جناب شريف رحمت، واشچ * جناب مولانا اسرار الدين الهلال، چترال * جناب حبيب الله، جنگ بازار، چترال * جناب قاري ميرزه قوت، منور * جناب مولانا جمال الدين، بگشت * جناب مولانا شير جهان، مداڪ لشٽ * جناب مولانا برهان الدين، گبور* جناب سيد محمود شاهہ، سياهہ ارڪاري * جناب مولانا عبدول سميع، گولين * جناب قاضي عبدالرؤف، ڪوغوزي * جناب مولانا ذاڪر، گولين * جناب مولانا عثمان غني، ڪوغوزي * جناب شيرين خان ايڊوڪيٽ، منور * جناب سردار خان، ڪوغوزي * مولانا محمد اسحاق، گبرال ويلي * مولانا منصور علي، يان ويلي * مولانا محمد فردوس، يان ويلي * مولانا برادر خان، يان ويلي * مولانا محمد اياز، مهوڊنڊ ويلي * مولانا محمد سرور، اتروڙ ويلي * مولانا شاهہ جهان ڪالامي، يان ويلي * محمد عيسيٰ خان، گبرال ويلي * مولانا عبدالقيوم، اتروڙ ويلي، مولانا عبدالله جان، گبرال ويلي* مولانا فيض الله، گبرال ويلي * مولانا محمد گوهر، اتروڙ ويلي * مولانا بخت روان، مهوڊنڊ ويلي * سيد عاشق حسين، خطيب جامعہ عيدگاهہ * شيخ عامر حيات * شيخ حفاظت، صدر انجمن اماميہ * شيخ منظور، پيرشنگ * قاري طلحہ، خطيب جامع مسجد عيدگاهہ * قاري منظور، خطيب گري ڪوٽ * جناب عالم شاهہ، انجمن فلاح بهبود استور * جناب فدا علي ايثار، گلگت * جناب عبدالله جان، گلگت * جناب عثمان علي، گلگت * جناب سيد فاضل شاهہ صاحب، گلگت.مولانا عبدالمومن ميمڻ، ڪراچي

# گذارش

هن ڪتاب جي سهيڙڻ ۽ ڇپائي ۾ قرآن مجيد جي آيتن ۽ حديثن جي حوالن ڏيڻ ۾ هر ممڪن احتياط ڪيو ويو آهي. تڏهن بہ ادارو اڻڄاڻائي ۾ رهجي ويل غلطيءَ لاءِ معذرت ڪري ٿو ۽ ان جي نشاندهي ڪرڻ تي پڙهندڙن جو ٿورائتو رهندو.

## ڊبليو ڊبليو ايف پاڪستان جو مشن

ڊبليو ڊبليو ايف، پاڪستان ۽ دنيا جي ٻين ملڪن ۾ هيٺين مقصدن لاءِ ڪم ڪري ٿو:

- دنيا جي گولي تي موجود مختلف ۽ غير معمولي حيات جو تحفظ.
- قدرتي وسيلن مثال طور پاڻي ۽ ڪاٺ وغيره جو دانشمندانو استعمال.
- گدلاڻ جو خاتمو توانائي ۽ ٻين قدرتي وسيلن کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ.

## انڊس ايڪو ريجن پروگرام جو تصور

”هڪ اهڙو خطو جتي انساني سرگرميون ۽ رهائشي ڍنگ قدرتي ماحول سان هم آهنگ هجن، ۽ جتي انواع ۽ مختلف قسمن جي جيوت پنهنجي پنهنجي رهائشي ماحول ۾ پلجندي رهي.“

## انڊس فار آل پروگرام


**مرڪزي آفيس**

ڊبليو ڊبليو ايف پاڪستان، ڪراچي آفيس
606 - 607، فارچون سينٽر، بلاڪ 6، پي اِي سي ايچ ايس،
مين شاراع فيصل، ڪراچي.
فون: 021-4544791-2, 7012290 فيڪس 021 4544790

**چوٽياريون ويٽ لئنڊ ڪمپليڪس (سانگھڙ)**

هائوسنگ سوسائٽي، گهر نمبر: 129/2
نزد گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول، نواب شاھ روڊ، ضلعو سانگھڙ.
فون:0235-542837، :فيڪس 0235-542791

**ڪيٽي بندر (ٺٽو)**

عدنان هائوس، راڻو موري اسٽاپ،
پوسٽ آفيس ڪيٽي بندر،
بذريعہ پي او ميرپور ساڪرو، ضلعو ٺٽو سنڌ
فون: 0298_620406, 619366

**ڪينجهر ڍنڍ (ٺٽو)**

گهر نمبر: 112-B هاشم آباد سوسائٽي، مڪلي، ٺٽو.
فون: 0298-772318, 772319, 610426

**پٿي ٻيلو (نوابشاھ)**

گهر نمبر: 3-A مهراڻ يونيورسٽي ڪاليج
ايمپلائيز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي، نوابشاھ ،سنڌ
فون:0244-366364، :فيڪس 0244-282496


www.foreverindus.org www.wwfpak.org